بيدل جو رسالو

تيار ڪندڙ ۽ ڇپائيندڙ

آنندرام طوطلداس راجاڻي
D.C.E

قيمت ٠—١

(ڪاپيون ٥٠٠)　　(دفعو پهريون)

ڊسمبر ١٩٤١ع

Printed by Mr. Bulchand Vasumal Rajpal B. Sc, at the Bharat Electric Printing Press Jacobabad, and published by Anandram. T. Rajani, D.C.E Mian-Jo-Goth, District Sukkur (Sind)

ٻه اکر

هن رسالي ڇپائي پڌري ڪرڻ سان منهنجي دل جي وڏي آس پوري ٿي آهي. فقير صاحب جن جي سکيا ۽ هدايت جو منهنجي دل تي گهاٽو اثر پيو رهيو آهي ۽ منهنجا جي ڏانهن فرض آهن، تن جي هيءَ هڪ نهايت خسيس ۾ خسيس ادائي آهي. شل سنڌ واسي پاڻ ۾ زنده درويش جي ڪلام ۾ سمايل سکيائن مان لاڀ حاصل ڪري جيوت جو جس کٽن.

آنند - ٽي - راڄاڻي
D.C.E

شڪرگذاري

هن رسالي جي تيار ڪرڻ ۾ مونکي منهنجي استاد مسٽر شيوارام لالا جا مدد ڏني آهي، تنهن لاءِ مان سندس تهدل شڪرگذار آهيان. ائين چوڻ بلڪل صحيح ٿيندو ته هن جي رهنمائيءَ سان ئي مان هيءُ رسالو پورو ۽ تيار ڪري سگهيو آهيان. منڍ ۾ مهاڳ خواه پڇاڙيءَ ۾ شرح ۽ معنيٰ لکڻ ۽ سڄي رسالي کي نظر مان ڪڍڻ ۽ رٿيل نموني بهارڻ ۾ هن صاحب ڪافي تڪليف ورتي آهي. هيءَ بي بها مدد جا هن دليون جانيون آڇي آهي، تنهن لاءِ ايشور کيس اجورو ڏيندو.

راجا ڏي - آنند - ڏي
D.C.E

فهرست





رهبر فقير بيدل سائين

دائما زنده
درويش بيدل فقير

(۱) سنڌ ۾ صوفي لهر

سنڌڙي سونهاريءَ ۾ هميشه عشق جو جام جاري، فقيرن جي قلواري ۽ صوفين جي سرداري زور واري پئي رهي آهي. هيءَ پاڪ زمين درويشن کان نه خالي هئي، نه آهي ۽ نه ڌرتيءَ جي برڪت سان ڪڏهن ٿيندي ني. شاعرن جو شهنشاهه شاهه عبداللطيف عرف ڀٽائي گهوٽ، آتش ڏن اتاهه جي ڪاڻ سامي، عاشقن جي آسمان جي بجلي سچل سرمست، برهه جو باز بيدل، بيوس فقير بيڪس، محبت جو مت پائي ايسر ۽ سندس مخمور شش پائي سرڏن، اعلي روح عنايت، رمزن وارو روحل، هيڪڙائي جو حقدار دلپت، همايون وارو مفتون مولوي صاحب، نازڪ وارو درويش رڪيل شاهه صاحب ۽ اسان جي هن ڪتاب جو بزرگ بيدل فقير صاحب ۽ ڪئين ٻيا نه فقط سنڌڙيءَ جا سرتاج آهن، پر سڄيءَ دنيا جي درويشي دل جا سونهارا سردار آهن. ڇا هندو، ڇا مسلمان، رات گويا ڏينهن، ٻيا اُنهن ري تاج راجائن جا ڪهنا ۽ دلڪش ڪلام آلاپين. سندن وچ جهڙيءَ آتمڪ

شڪتيءَ جو هر ڪنهن دل تي قبضو آهي. پريمي پانڊيترا ته انهن روحاني بازيگرن جي انڌ معلوم تار ۾ گرفتار ٿي پتليءَ جيان ناچ پيا نچن. گجرانوالا جي گهنڊڙ شيخ سوامي رام ليرت (جو رام بادشاهه جي نالي به مشهور آهي) پنهنجي وصال کان ڪجهه منٽ اڳي چيو هو ته "اي ملڪ الموت، جيڪڏهن تنهنجي دل چاهي ته پاڻي ڪٽي وڃ هيءَ بيڪار بدن. مولوت جسم جي ڪمي ڪا نهي؛ مان چندرما جي چالدي روپ ڪرڻن، سورج جي سونهري ترورن، ڪسبن جي بي نظير وهڪرن، سمندر جي اٿاهه لهرين ۽ دلپذير هيرن ۾ جسي جا زاهير لاهي پيو موجون ماڻيندس." ساڳيءَ طرح جيتوڻيڪ مٿين درويشن جي وصال جون تاريخون عالم آشڪار آهن، ته به انهن ڪي مثل جاڻط چوڪ آهي. هو ته دائما زنده آهن. سندن هستي ميسار جي مطلق نه ٿي سگهي. جيئن شاه صاحب فرمايو آهي ته

رڳون تيون رباب وڄن ويل سيڪنهين

ٿئن هر ڪنهن ويل جتي وڃ، اُتي سنڌڙيءَ جي سرلدي جي به تار تار (رڳ رڳ) انهن الله لوڪن سر مستن جو آلاپ پيئي اُچاري.

گهڻيءَ گهڻيءَ هويا غوغاه، نعرا نينهه وڄايا وي؛
نعرا نينهه وڄايا وي، ته هرجا حڪم هلايا وي (بيدل)

آهي ورنه ويا ڪين آهن، پر ڪلامن جي صورت ۾ خواه موجوده سالڪن ۽ مجذوبن جي مورت ۾ انهن جو نور ظهور آهي. اهڙا آستان هن وقت به هنڌين ماڳين آهن، جتي جاتي جهڳڙي ڪي جاءِ ڪانهي ۽ جتي نفساني ڇڪتاڻ عدم پيدا آهي. اهڙين ئي پاڪ جاين تي اسان جي پراچين سنڌي تهذيب جي حفاظت ٿيندي ٿي، هندو مسلم محبت وارو اڳوڻو سلسلو قائم ٿيو هليو اچي ۽ عربيءَ ۽ سنسڪرت جي اثر کان آزاد اوائلي لچ سنڌي ٻولي، سنڌي ڪهاڻيون ۽ سنڌي خيالات زنده ٿيا رکيا وڃن. اِهي عشق جا اوتارا نه هجن ها ته اِها جهولي قرباني کٽي ۽ ريجهه راز واري رهڻي جيڪر ڪڏهوڪو پر ڪٽي پرواز ڪري وڃي ها.

(٢) بيدل فقير جي ولادت ۽ حسب نسب

سنڌ جي جدا جدا ضلعن ۾ عالم جي اک کان پري، گوشا نشين گذران ڪندڙ، سنڌ جي جهوليءَ تهذيب جا محافظ هميشه موجود ٿي رهيا آهن. شڪارپور کان اٽڪل پنجن ميلن ۽ سلطان ڪوٽ اسٽيشن کان اٽڪل ڇهن ميلن جي مفاصلي تي، ٻنهي شهرن جي وچ، چوٽي شاخ جي ساڄي ڪپ تي، انجنيري ڏهين ميل وٽ مشهور ته- ٻليءَ جي نزديڪ اهڙي هڪ درگاهه آهي، جنهن ۾ فقط

لوڙائيهن اڳي پڳل فقير ڳالي هڪ سفيد ريش
کهن سال درويش اولي (ازلي) آلاپ ڪيئي
وسيلا ورق وڏي ٿي ياد ڏيارڻا. فقير صاحب
جن جي جنم جو سال ۱۸۶۵ع ڄاڻو وڃي ٿو. سندن
پيهڻو ڇوڪر هو ته جڏهن آخوند لطف اچي اُس ٿي
۽ جڏهن ويل جي پند پڪڙ لاه آفيسر زرخيل جي
سٽڪ جي اوڀر ڪان اچي خيما کوڙي ويٺا، انڌهن
سندن عمر اٽڪل ۱۸ سال کن هئي. ڪن ماڻهو پڳل
فقير يا عام طرح پيڙو فقير ڪري سڏيندا هئا. سندن
ڳوٺ جو اصلي ڳالو آهي بخشي آڻ جو ڳوٺ،
پر هاڻي ان کي "پيڙي فقير جو ڳوٺ" سڏيو
ويندو آهي. سندن والد بزرگوار جو ڳالو فقير
عبدالواسع هو. عام خلق ڪيس وسيو يا واسع فقير
ڪري سڏيندي هئي. ڪيس اولاد جي بک هوندي
هئي، سو پيو پيرن فقيرن کي سوال ڪندو هو.
هڪ دفعي هڪ ڳالگو مست فقير اچي لانگهائو ٿيو،
جنهن کي هو چنبڙي پيو. سندس دعا سان ڪيس
الهيءَ سال اندر ليڪو ڄائو، جنهن لي ڳالو پڻ
الهيءَ فقير جي هدايت موجب 'پڳل' رکيو ويو.

(۳) فقير صاحب جي ننڍپڻ ۽ جواني

اڄ لاڏو سياڻي وڏو، پار اچي اٺن ورهين جو
ٿيو. ٻوا جي طرح ٻار وڏو ٿئي ته ماڻهن جي دل

جي ڪُلي ڪُلي، تہ ٻيڙو جهڙن وڏو ٿيندو ويندو، تهڙن ماڻهن کي ڇڙواسي وڌندي ويندي، ڇو تہ اُڪوي علم جي اوڏو ٿي نہ آهي ويو ۽ وڏن جي وات واري گهير ۾ ٿي نہ ٿي گهڙيو. جنسي مستانو، واٽن تي وهي ۽ جهنگن ۾ جالي، نہ ڪنهن سان ٻولي نہ چالي؛ رنگ ۾ انگ ٻوڙيو ۽ هلت چلت عليحدي ٻڌي، ٻاڙولي ۽ مست. اهڙي وڌائي پاڻ گهريو تہ دنيوي مال ڪنا ڪري ٿو هئي ڇوڪرو نہ ٿيو هو. ”جهان جو ٿيو جڪڙو، تنهن تئين نہ ٻيا.“

”جي لهواڙو لوڪ وهي، تہ هو اُتر وهي اوڀار“

ماڻهو چوڻ لڳا تہ واسع فقير جي قسمت ۾ ڪي اگر پيتو لکيل هئا، جو سڪي پٽ جانس، سو بہ موڙيو اڪين جو سونڍا پٽ ٿيو. اِهو اُنهن ٿي پانيون تہ اهڙي پٽ کان تہ اڻ هوند ڀلي. ڏاڏو ڪٽي ڪيائونس ”ڏاوڙ“ جو صحيح لفظ آهي ڏاوڙ يا ڏاٻڙ معنيٰ کاٻيڙو (Left handed) يعني عام (عام ماڻهن) جي ابتڙ. ٻڌڻ لکڻ جي واهہ نہ ڏسي پٽس ٻيو ڏنس تہ ٻين ٻچن جي ٻارن سان گڏ جي وڃي چار. هن ٻہ ٿا اُهن ڪا نہ ڪئي. ٻڪتاڙو ڪلهي تي رکي اُڪتو. ٻيو نہ ٻنهنجي وهہ ٻيا وڃن تہ هئي ٻار وڙي ٻنهنجي ٻولي ٻيو ٻولي. ٻهڙو ٿي ڪلام جو هن چيو، سو هو ”سگهڙو مونجھ ٻار ٿوڪي وينا ساڙيو ن“

(ڏسو صفحو ٧٥). آخرين سٽون اُن جون هن رِيت آهن:-

عشق پيالي کي هو پيئڻ لاکون
چوهڙ يڪين منهن عجيب اسانکون
روح رتو آهه تن هي توهان کون
دم بدم تنهنجي تار، تو ڏي ٿا نهارون
سگهڙو موٽج ....

ڳائيندي ڳائيندي وجد ۾ اچي ويو ۽ ڪري پيو. غشيءَ جي حالت ۾ ڪيس گهر آڻيائون. عزيز خويش ۽ عام ماڻهو ڪيس چريو، سودائي يا جنات جي اثر هيٺ آيل سمجهي سٽيون ڦڪيون ڏيڻ ۽ جهاڙون وجهائڻ لڳا، پر هُن يار جي موج ۾ مستي هلندي هئي. عام ماڻهو پاڻ پيرن ۾ ڌهي ۽ هٿن ۾ ڇيڙ يا گهنگهرون وجهي يڪتارو وڄائي ڳائيندو به هو ته نچندو به هو. ماڻهن جي انتظاريءَ جي حد نه رهي. پير فقير پڇڻ، پاسون پاسڻ ۽ ڪاڍا ڪيڻ لڳا ۽ چوڪو کي ڪوهڻ جي جي هٿان سوين عذاب ملڻ لڳا:

ڪنهين ڪوهڻ تن طبيب نه ڳڏيو
ڏيئي ڏک ڏڏن، پاڻا ڏٺل ڏکوئيو.

وقتي نه آڱرين ۾ آڪيڙا وجهي زور ڏيئي سندس ڏوڏن پڇڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، جنهن تڪليف جي اثر هيٺ جنڙي ڪلي يا ٻولي يا اکري وڃي. ليڪن سڀ تدبيرون ناڪامياب ٿيون ۽ فقير

صاحب پنهنجي مال چارڻ جي زندگي کي لڳو رهيو. ڳوٺ جي ڇوڪرن سان گڏ ويندو هو ۽ جهنگ ۾ پهچڻ بعد ڍورن کي آسري الله جي ڇڏي ڪنهن گوشائتي وڻ هيٺ ويهي پنهنجي روح رهاڻ ۾ مشغول ٿي ويندو هو ۽ سج لهڻ بعد جڏهن ٻيا ٻار موٽندا هئا، تڏهن هن جي ٻ اک کلندي هئي ۽ گهڙي اڳي گهڙي پوءِ، اچي گهر پيڙو ٿيندو هو. مطلب ته سندس شروعاتي زندگي مجذوبي مستيءَ جي حالت ۾ گذري. وقتي ته سچو ڏينهن سانت ۽ سن سماڌ ۾ گذاريندو هوس.

"لب ببند و چشم ببند و گوش ببند".

(۴) مرشد جو طالب

اتفاق سان پير پاڳارو ميان علي سوور شاهه صاحب فقير صاحب جي ڳوٺ ۾ آيا. مائٽ ڇوڪري کي پير سائينءَ وٽ وٺي ويا، جنهن سندس موج ۽ مستي ڏسي ۽ عشق جا دودي آلاپ سڻي، پنهنجي هڪڙي مريد فريد فقير کي چيو ته هن کي درگاهه تي وٺي وڃ. اُن وقت پير اتيءَ گديءَ تي پير ميان حزب الله شاهه صاحب ويٺل هئا. ڇوڪر کي ڏسندي ٻوپان هڪل ڪري پڇيائون ته "هيءَ روهڙيءَ وارو بيدل ته نه آندو اٿو؟" فريد وراڻيو، "سائين جيئندا قبلا، هيءُ اسان جي ڳوٺ جو ماڻهو آهي.

نالو سندس 'بيدل' آهي." پير سائينءَ چيو ته،
"نالو ته سٺو آهي، صرف سنڀالڻ جي ڏيرائس."
پوءِ ته بيدل فقير سائينءَ جو طالب ٿيو ۽ اتان موٽڻ
بعد صفا سالڪ ۾ اچي ويو. ڇڙ ڪٽي ان ۾ وڃي
ويٺو. اڄ البت ماڻهن جو خيال بدليو ۽ سمجهڻ
لڳا ته ڇوڪرو مرد موليٰ جو آهي ۽ منجهس مڙئي
ڪاملتيا آهي.

(٥) فقير صاحب جي شادي ۽ اولاد

وقت گذرندو ويو. فقير صاحب اچي ٢٦-٢٧
ورهين جو ٿيو. سندس حالت هن وقت ٽڙيل هئي.
سندس مائٽن شاديءَ جو زور ڪيو، پر جڏهن
مرشد کان اَمر ڪرايائونس، تڏهن مس مس وڃي
قبول ڪيائين. شاديءَ بعد پڻ گهر کي وڃهو نه
ويندو هو. مائٽ وري ويس مرشد وٽ، جنهن کي
چيائين، "سائين، جو نور هتي منهنجي قلب ۾ ٿو
نظر اچي، سو سڄيو هن طرف به ٿو پسان، پوءِ گستاخي
ڪئن ڪريان؟" پير صاحب جن کيس ضروري
هدايتون ڏيئي گهر واپس ورايو. اُن بعد سندس
سنساري زندگي شروع ٿي. کيس جملي ٽي پٽ ۽ ٻه
نياڻيون ڄايون. سندن وڏو فرزند ميان عبدالڪريم
صاحب هن وقت گادي نشين آهي. وچون فرزند
ميان محمد مقيم صاحب مماليه ۾ آهي ۽ سندس

يادگيريءَ ۾ عاليشان مقبرو ڳوٺ ۾ درگاهه جي
حاطي اندر ٺهيل آهي. سندس ڪلام پڻ "مست
مقيم" جي تخلص هيٺ جهجهو موجود آهي. ٽيون
فرزند لنڊو مياڻ عبدالڪريم صاحب پنهنجي فقيري
حال ۾ مست گذاريندو آهي.

(٦) فقير صاحب جي آخرين زندگي

فقير صاحب جي آخرين زندگي مڪمل سالڪيءَ
جي حالت ۾ گذري. گهڻو وقت پنهنجي روح رهاڻ
۽ من جي موج ۾ گذاريندو هو. جڏهن وڏي عمر وڌندي،
تڏهن قلب ۾ قادر ڏانهن وڌيڪ ۽ وڌيڪ لڙندو ويو.
سرير ڍرو ٿيندو ويو، تان جو اکين جي ظاهري روشني
به موڪلائي وئي ۽ اهو جنهن انسان جسي جا زاڄيو
لاهي ڇڏيا کي پنهنجي اصلوڪيءَ نج صورت ۾ ڏٺو
آهي، تنهن کي جسماني دک ڇا ڪري سگهندا؟
وڇين فرزند 'مست مقيم' جي ڇوڙي مٿان اُٺڻ ڪانئڻ
سندن ظاهري حياتيءَ ۾ البت وڌيڪ تبديل اچي
وئي. سائين محمد مقيم ا فقط سندن فرزند هو، پر
سندن راز محرم دل جو دوست هو. صحبت جو
سائين ۽ محبتي مونس هو. سندس ڪلمڪ لوولي
ڇوراج ۾ اکين اڳيان پيو ڦري. اهڙي محبوب
جي وصال جو اثر سندس والد بزرگ تي ڪيئن نه
ٿيندو؟ فقير صاحب جن جڏهن ٻڌو، تڏهن وڏا گوشه نشيني

اختيار ڪندا، تان هو ليث سندن دائمي زندگيءَ جو ماڻ ماڻي پيو ۽ وسپت (خميس) ڏينهن ۱۲ آڪٽوبر ۱۹۳۹ مطابق ۲۷ شعبان ۱۳۵۸ هن هيءَ ظاهري زندگي مٽائي وڃي ابدي ۽ دائمي زندگيءَ ۾ واسو ڪيو. مشهور ابجد جي حساب موجب سندن وصال جي تاريخ هيٺينءَ سٽ سان تعلق رکي ٿي:-

"طالب المولي فقير صاحب تارڪ الدنيا"

اها سٽ سندن چولي مٽائڻ جو سال ٿي ٻڌائي.

(۷) فقير صاحب جو مذهب ۽ طريقو

درويش فقير سائينءَ جو ظاهري مذهب مسلماني ۽ طريقو قادري هو پر پنهنجي دل جو مذهب پاڻ هينئن بيان ڪيو اٿن:- (ڏسو صفحه ۱۵۴)

عشق وارن جا پنڌ پراهون، اوري دين ايمان
نه مان سني نه مان شيعا، نه مان مسلمان
عشق اسان دا ڪعبه قبلا، عشق دا عالي شان

بيدل فقير مرد مولي جو حقيقي عاشق هو، جنهن 'ليئهن جا ذالي لڪتا' پڙهيا هئا، جنهن کي 'عشق ڏيکاريا هئا نوري نهلا' (ڏسو صفحه ۱۲ ڪافي نمبر ۱۹).
اهڙن عاشقن جو مذهب آهي 'وحدت' ۽ هو هميشه 'وحدت جي وادي ۾ غرق' رهن ٿا. هنن جي لاءِ هندو مسلم هڪ آهي، جئن فقير سائينءَ فرمايو آهي ته.

هندو مومن هڪ ڏٺوسي،
ڪوهه ڪوٽن ۾ ڦوق
لونءِ لڳي ٽان لعل ٿيا
وحدت سندو واڍيائون ورق (صفحه ٥٩)

عاشق سمجهن ٿا ته هيءَ دنيوي زندگي، جنهن سان هي دنيا جا مذهب لاڳو آهن، سا روح جي سموري زندگي نه آهي پر هڪ جزو جنهن ۾ انسان آهيون فقط جهٽ جا لاءِ وارا جوڳيئڙا (صفحه ٦٦)، انهنڪري اُنهيءَ ڪل زندگيءَ سان جو مذهب لاڳو آهي، سو به انهن دنيوي مذهبن کان مٿيرو آهي، انهيءَ جاوداني زندگيءَ ڏانهن اشارو ڪندي فقير سائينءَ فرمايو آهي ته

سج چنڊ نه هو ڪتيان تاري
انسان انهيءَ کون به اڳي اڳي (صفحه ٦٦، ڪافي ١٠٣)

يعني انسان جي زندگيءَ جي آغاز ۽ انجام جو اٿو مٿو ئي ڪونهي. ٻي ڳالهه جيڪا درويش بتائي ٿو سا اها ته "سڀ صورت ۾ يار سمايو،" يعني هرڪا صورت اُنهيءَ مٺي محبوب جي ظاهري مورت آهي (ڏسو ڪافي نمبر ٢٨، صفحه ١٨، جنهن ۾ چيل آهي ته

وهه دلبر ڪر سينگار آيا
هر صورت دي وچ يار آيا.

ٻين ڳالهه جا صفحه ١٧ تي ڪافي نمبر ٢٧ ۾ جاڳايل آهي سا اها ته

پنھنجو ڳولي ڏس تون پاڻ
آدم ڪٿي ڪونائين ٻـون
رنگ الاھي آھين ٻـون

مطلب ته سڀ صورتون يار جون ۽ تون ٻه صورت يار جي ۽ تنھنجي زندگي بي انتھا. اھا آھي وحدانيت، جنھن موجب ٻه ھڪ، آھي ٻه ھڪ ۽ ھوندو ٻه ھڪ؛ ٻي سڀ ڳالھ فقط ظاھري رھي آھي. فقير صاحب جن ھڪ ھنڌ صاف چيو آھي ته آھي دلبر مان ناھيان؛ ٻولي اھا يار جي ٻولي (صفحہ ٨)

اھو ھو فقير صاحب جن جو دل وارو مذھب ۽ ٻيو ياد رکڻ گھرجي ته ھو صرف پنھنجي حال تي ھلڻ آسمان ۾ ته اڏامندا ھئا، ليڪن ٻين تي گذاري مذھب جا ديوي قاعدا قانون (شريعت) ٻه ظاھر ڪندا ھئا، جا ڪاڻ ته سندن واسطو ڪو صرف پاڻ سان ته ڪو نه ھو پر ڪيترن پوئلڳن جي ھنن پرداخت ٻي ڪئي ۽ ڪيترن ماڻھن کي دڳ لائي ھنن رھبري ٿي ڪئي. رھبر ڪڏھن ته آسمان تان ٻھي ھيٺ ماڻھن کي ھدايت ڪري ته سگھندو. ھن کي ته ھيٺ لھي ماڻھن جي وچ ۾ اچي ڪين راھ تي ھلائڻو آھي. انھي خيال کان فقير صاحب جو ٻه شاھ صاحب جيان اھو خيال ھو ته شرعي قانون انسان کي ادا ڪرڻا آھن.

فقير صاحب جن جي پاڪ پيغمبر صاحب (صلعم) سان نهايت اعليٰ درجي جي محبت هئي. رسول الله صلعم جي ياد ۾ نهايت مٺا ۽ عقيدت سان ڀريل بيت چيا اٿن (ڏسو صفحو ١١١ کان ١٢١ تائين ۽ ٻين هنڌ) انهيءَ کان سواءِ ٻين مذهبي اصحابن ۽ بزرگن لاءِ به عزت هئن. جيئن ته صفحو ١٢٨ تي چيل آهي ته

اول نانءُ الله جو آهي ڪل کان قوارو
خاصو دوست خدا جو آهي مرسل موچارو
چئن يارن جو چت ۾ مونکي لنو لنو ۾ لاڙو
حسن مير حسين تان مان سر گهوريان سارو......

هي هنڌ فقير سائين چوي ٿو ته

ٻيل آکي احمد من
رب تي ايمان آهه (صفحو ١١٢)

ايمان هڪ سچي رب تي ۽ من ۾ محبت مرسل جي - اهو آهي پاڪ پيغام ڪلمي پاڪ جو. هي هنڌ صفحو ١١٣ تي چيل آهي ته

آهي اسان اون خوف نه ڪوئي
پڙهيو سي ڪلمو ويو ڪفر سيوئي
محمد ضامن آهي سيد سوئي
سوناج ني سمانو......

هندن کي سندن ڌرم پٽاندڙ هدايتون ڏيندا هئا. ڀاهوڻ پصر جي پوڄي جي آڏو به ته ايندا هئا.

قرآن شريف جي بہ چڱي واقفيت هُين ۽ ڪلام
۾ بہ اهڙا بہ صيني ۾ سمايل هُين، جو ڪيترن هنڌ
ڪلامن ۾ انهن ڏانهن اشارا ڪيا آهن، جهڙوڪ:

(١) 'ڪن فيڪون' جي ڪل ۾...... (صفحہ ب)
(٢) 'الانسان سري' ڇيائين......... (" ١٦)
(٣) 'ونحن اقرب' آپ الائي...... (" ١٧)

سندن فقيري طريقو قادري سلسلہ واشدي هو.
سندن مرشد پير ميان حزب الله شاه جي درگاه
قادريہ طريقي جي هڪ زبردست درگاه آهي.
روحاني عمل ۽ روحاني عبادت جي نمونن جي
مد نظر متشرع صوفين جا چار طريقا چالو آهن.

(١) نقشبنديہ - ذڪر خفي - قلبي ذڪر (آواز بند)
(٢) قادريہ - ذڪر جلي - زبان سان ذڪر ۽ قلب ۽
زبان ٻنهي کي هڪ ڪري ذات حق ۾ محو ٿيڻ.
(٣) سهروردي - بلند آواز سان ذڪر، راڳ ۽ ساز
کي ذڪر ڪري ذات حق ۾ محو ٿيڻ.
(٤) چشتي - ذڪر خفي ۽ ذڪر جلي سان گڏ راڳ
۽ ساز کي ٻڌڻ، ڦيرڪڻ ۽ نچڻ وغيره.

پر فقير صاحب جن جي ڪلام ۽ رهڻي ڪهڻي
مان ظاهر ٿو ٿئي تہ سندن طريقو ظاهري جيتوڻيڪ قادريہ
هو تہ بہ حقيقتاً سڀني طريقن جي مٺي ملاوت هو.
ساڳيءَ ريت جيتوڻيڪ شاه صاحب جن جو ظاهر

طريقو سهڻو ورتو هو ته ٻه ڳالهيون ٻيتن ۾ سيني طريقن کي اهميت ڏني اٿن. جيئن ته هڪ هنڌ چيو اٿن ته

خلوت کر خفيه سين، ٿي لقيءَ ۾ نابود

يا

جلي ساڙ زبان کي چاڙهي ٻهر چور

جسي ۾ جبار جو خفي خيمون کوڙ.

مطلب ته درويش جي دل اندر هڪ اکر الف جو سمايل هوندو آهي ۽ سندن ساري باطني هستي انهيءَ نوراني اکر سان معمور هوندي آهي ۽ انهيءَ هوندي ٻه عالم کي هدايت ڪندا آهن ته

جي پائين جوڳي ٿيان ته ٻڌ ڪلمي جي ٻار

پنهنجن سان پورو وهي، آيا تنهن ۾ ناڙ......

يعني ڳالهجي شريعت يا ڏوم لي پورا رهي، انهيءَ مضبوط بنياد لي حق جي اڏاوت ٻڌو.

فقير صاحب جي زندگي سالڪيءَ ۽ مستيءَ جي حيرت انگيز ملاوت هئي.

(٨) فقير صاحب جي صورت ۽ سيرت

فقير صاحب جن جو جنهن هڪواريءَ ديدار ڪيو هوندو، سو ئي بخوبي سندن صورت ۽ سيرت جو اندازو لڳائي سگهندو. سندن شڪل شبيهه ۾ چمڪ جي ڪشش هئي. پيشانيءَ تي نوراني نور پيو ٻڪندو هون. سندن اصولي جنسي هن ڪتاب جي

مٿي ۾ ڏجي ٿي. پر البت ورلي هئن، جنهنڪري
خاص قسم جو ڏنو بوٽ سندن پائڻ لاءِ ٺهرايو
ويندو هو. بدن ۾ البت پيرل هوندا هئا. سندن
سونهاري مٺ جيتري ڇڏيل هوندي هئي ۽ مڇن
کي سنت جي اختيار رکيو هئائون. منهن جو خط اصل
نه ونائيندا هئا. مٿي جا وار مڙهوني هلڪا هوندا
هئن. سندن پوشاڪ به نهايت سادي هوندي هئي.
سر تي ٽوپ، پيرن ۾ خاص قسم جو بوٽ، بدن
تي ڪارو يا اڇو ڊگهو چولو يا وقتي صوفين واري
ڊگهي الفي. گرم مند ۾ هلڪي لنڊڙي سٿڻ ۽ اسو
چولو. سندن ڪاڌو به بلڪل سادو هو. جوئر جي
ماني، سائي ڀاڄي جي ساڳ، لسي ۽ پٽ سان دل
هئن. گهڻو ڪري ڪاٺ يا ٺڪر جي ٿانون ۾ کائيندا
پيئندا هئا. سمهڻ لاءِ سادي رلي ۽ تمام مختصر هند
۽ ويهڻ لاءِ ڪکائين جهوپڙي ونڊيڪ وٽندي هئن.
بستري مٿان وقتي لڏو وڇائي سمهندا هئا. بعضي
ته سارو ڏينهن سوالين ۽ صحبتين سان رهاڻيون
ڪندي گذاريندو هون ۽ ڪاڌو پيتو به ياد نه رهندو
هون. سادگيءَ جي نه جنسي صورت هئا. اڪا
شيخي مشائخي، اڪا پيري بزرگي ۽ ڪو وري
ڪو ناٽ اڊمبر. سادي رهڻي، قرباني ڪهڻي.
ٿلهو ڪائڻ، ٿلهو هنڍائڻ ۽ ٿلهو بي ٽڙڪ ڳالهائڻ.

رواجي گوهستون جيان هنن جي آل اولاد سان
گڏ گڏ ايندا رهندي روحاني رمز ۾ هٿ ڪندا رهيا،
تان اهو حد ٽپي وڃي لاحد کي پهتا. گهر ۾ ماني تيار
ٿئي ته اول مهمان کائين، پوءِ پاڻ هٿ لائين.
سندن زندگيءَ جي هر وقت ۾ يا اُن کانپوءِ ويندي
اڄ تائين سندن درگاهه تي لنگر جاري آهي، يعني
عام مهمانن کي سڏ ڪري ماني ڏني ويندي آهي،
پوءِ کائيندڙ پنهنجي هجن خواه پراوا. ڪو به سيد،
فقير يا منگتو وٽان خالي نه ويندو هو. ويندا خواه
ڏيندا وات الله جي هئا. سوين هندو ۽ مسلمان سندن
معتقد، مريد يا طالب آهن. هندن لاءِ سندن درگاهه
تي هڪ خاص مسافرخانو ٺهيل آهي، جتي آکهه
سميت اچي رهڻ جي به سهوليت موجود آهي.
سندن ڪلامن ۾ صاف چيل آهي ته "هندو مومن
هڪ ڏنو سين، ڪو نه ڪو ان ۾ فرق." فقير صاحب
جن جي گفتار ۾ خاص قسم جو مِٺاج هوندو هو ۽ طبيعت
نهايت صلح پسند هئن. درويشي ڪلامن سان گهڻي
دل هوندي هئن. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺا يڪتاري
۽ دلي لي دردي آلاپ ڪندا هئا. سندن فقيرن
جي ٽولي راڳي ڪلامن جي دردٻلي آواز کان
مشهور آهي. وصال وقت وڏي فرزند کي حڪم
ڪيائون ته "لنگر قائم رکجو، ڏئي ۽ لالچ کان پري

پڇڻ ۽ هڪ ئي اظهار سان مخلوق کي ڏسڻ ۽ رب
اوهان تي راضي ٿيندو ۽ پنهنجي جهان ۾ اوهان جو
جس ٿيندو.“

مطلب ته فقير صاحب جن جي علمي ڄاڻ انهائت
اعليٰ پيماني جي هئي. جهڙي هئن صورت صبحائي،
اهڙي هئن سيرت نوراني.

٩. فقير صاحب جو ڪلام

فقير صاحب جو ڪلام مٺو، دلچسپ، دلڪش
۽ حقيقي اشارن سان ڀريل آهي. ڪيترو مجذوبي
حالت ۾ چيل يا گهڻو ميسر تي ته سگهيو آهي. هت آيل
ڪلام هن ڪتاب ۾ ڏنل آهي، جنهن ۾ ڪافيون،
دوهڙا، سٽ رانيون، تيهه رانيون، لوليون ۽ جوڳين
بابت بيت آيل آهن. انهن جدا جدا ڪلامن ۾
سورٺ، سسئي پنهون، عمر مارئي ۽ هير رانجهو
جي الفت ڏانهن هنڌين ماڳين اشارا ڪيل آهن.
قالوبليٰ جي قول ڏانهن وري پڙهندڙن جو
ڌيان ڇڪايل آهي ۽ السّتي انجام انسان کي ياد
ڏياريل آهي. ڪيترن هنڌن تي منصوري منزل
جو نعرو پڻ هنيل آهي.

ٻولي جا ڪم آيل آهي سا آهي سنڌي، سرائڪي،
پنجابي ۽ وقتي عربي. سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين جو
اتر سنڌ ۾ گهڻو ميلاپ آهي جو انهي ناڙيوال ماڻهو
گهڻا آهن، جن جي ٻولي سنڌ ۾ گهڻو ٺٺو ملي ويئي

آهي . پنجابي ۾ گڏجي مسجي ويئي آهي، ڇاڪاڻ ته اتر سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان هڪ ٻئي سان لڳل آهن ۽ هڪ ٻي جا د لڳيئي آهن. ڪلام ۾ عربي لفظ ۾ ڪم آيل آهن، جي پاڪ قران شريف مان چونڊيون آهن ۽ بلڪل موزون نموني وڌل آهن. اهي آيتون ڏيکارين ٿيون ته اکوي علم نه پڙهندي ۾ فقير درويش ڪل علم جا مالڪ آهن .

فقير صاحب جو ڪلام فرقي يا مذهبي دائري کان مٿي غير محدود ۽ لاڪوفي آهي . سامي، رام، هولي ۽ جٺيا وغيره هند ڪا لفظ ۾ عام جام ڪم آيل آهن . جئن ته

(١) لاٿي نوا يا جيڪي نينهن جي
آهه سڌ ٻيل ٿن کي سڄي
سنگت ٿن سامين سندي،
پنڌ ڙا ڪري پل پل پڇاءِ. (صفحه ١)

(٢) راليان ڏينهان روح پنهنجي ۾ رويتا رام ريجهائن ٿا.
(صفحه ٣)

(٣) ڪاٿي ڳل جٺيا صنعان ڏنهِ،
ڪاٿي يوسف مصر بازار آيا (صفحه ١٩)

(٤) انئي پهر اندر ۾، هنئڙي منجهه هولي (صفحه ١١٠)

(٥) لنب نه ڪن، ويا پنهنجو رام ريجهايون (صفحه ٤٩)

(٦) ور ڏيا بانيڻ سب تي گهرايان،
پڇان ٻوٽي دار (صفحه ١١٩)

هندو مومن هڪ ڏنو سبين، ڪو نه ڪو تنهن ۾ فرق
(صفحه ۵۹)

يا

هندو مومن هيڪڙو، ناهي ويري ڪو وير (صفحه ۷۴)
انهن ڪلامن مان ظاهر آهي ته جڏهن فقير حجاب
جا پڙدا ڦاڙي، شريعت جي راهه قطع ڪري، مذهب
جي محدود مڪان منجهان نڪري، طريقت طئي
ڪري، حقيقت پروڙي، معرفت جي ميدان ۾ پير
پائي تو تڏهن سندس

نڪو ڪم ڪفار سين، نڪا مسلماني من
نڪا دل دوزخ سان، نڪي بهشت گهرن
سدا ائين چون ته پرين ڪجو پانهنجو (شاهه)

خود بدل سائين۽ پاڻ ۾ چيو آهي ته
عشق وارن جا پنڌ پرانهون، اوري دين ايمان
نه مئن سني نه مئن شيعا، نه مئن مسلمان... (صفحه ۱۵۴)
اهڙي۽ منزل تي سڀ مذهب هن جا آهن ۽
هو سيني مذهبن جو آهي. دوزخ ۽ بهشت جي
درويشن کي رتي۽ جيتري به چنتا ڪانهي. انهي۽
منزل تي هو ڏوهه ثواب کان به آجو آهي. جئن ته
پڙهي برهه سندو هڪ باب ڏٺم
تنهن ۾ ڏوهه نڪو ڪو ثواب ڏٺم (صفحه ۲)

اهڙيءَ منزل تي هو ملائڪن جي درجي لاءِ پرواهه نه ٿو ڪري، ڇاڪاڻ ته هن اُهو لعل لوڇي لڌو آهي جنهن لاءِ خود ملائڪ پيا اڙقن. دنيا کي پٺي ڏيئي، لذت آرام ڦٽائي، عيش عشرت ٿو ڪٽا ڪري، ساري عمر سبحان جي لنءُ ۾ لين رهي، هو انهيءَ حد تي پهچي ٿو، جتي ملائڪن کي اک کڻي نهارڻ جي به مجال ڪانهي. جيئن ته

جن ملائڪن جي جاءِ نه جاتي
تهو اُتي ويٺي پاڻ ٿيا (صفحه ٣)

ٻين بيتن ۾ وري فقير صاحب جن فقيريءَ جا ڏک ڏيکاري حق جي طالبن کي اشارو ٿا ڪن ته جيسين پاڻ پاڻ سان ڪٺو ۽ وسيلا وجود ۾ موجود رکيا، تيسين الله تعاليٰ وٽ اگهامڻ محال آهي ۽ جيستائين پنهنجي بود کي نابود ڪري، نانهن ڪلهي تي رکي، ڌڙ سسيءَ کان ڌار نه ڪبو ۽ پوت منجهاران پريم جو پيالو نوش جان ڪري، وحدت واريءَ وات تي پير رکي، ڪنڌ ڪات تي نه ڌري، تيسين جانب جو جمال ماڻڻ محال آهي. "سر صدقي ڪر" ۽ "سر گهور" لفظ ڪلام ۾ عام جام ڪم آيل آهن جيئن ته

سڄڻ پيا سر گهور ڏيون، هٿ پڇي ڪو پور ڏيون
مرد نه منهن موڙيون، سر صدق سوار ٿيا. (صفحه ٦)

بيت

مور ٿي منصور جيان، ڪٺي روح رمز ۾ ڦاھ
لاھي سانگا ساھ جا، سوريءَ تي ڪٺي سو لواھ.
(صفحو ١)

بيت

وحدت واريءَ وات ٿي، پڻ ماڻھو ماڳھي موري
سو اڳين صدقو ڪري، ھيءُ سو ڪٺي گھوري گھماءِ.
(صفحو ١)

بيت

بيدل سو ھيءُ سوريءَ سڃي، پرٿي پيو نا ھڃي
ڏيئي سو ھيءُ سو ڪنجي، رسي پوءِ فيض رحماني.
(صفحو ١٧)

رواجي طرح دنيوي دل کي جيڪي ڏک ٿا اڳين سي درويش لاءِ سک آھن. جنھن موت کان دنيوي انسان ڏڪن ٿا، سو موت ھنن جي لاءِ مشاھدو آھي؛ جنھن سوريءَ کان رواجي ماڻھوءَ جو ساھ قبض ٿي وڃي، سا درويشن لاءِ قلن چاڙھڻ سيج آھي، جنھن تي پيو رکي ھو سھاڳ ماڻين ٿا. ھو وڏي شوق ۽ شتابيءَ سان اوچي ڳاٽ اجل سامھون ٻوڙندا اچن ٿا. قربانيءَ جو ڏينھن انھن لاءِ عيد جو ڏينھن آھي، جنھن فقير صاحب جن چيو آھي ته اَڏي عيد انھن جي آھي،

جيڪي ڪوبا ڪنڊ ڪڇائين ٿا. (صفحہ ٣)

جئن شاھ صاحب ٿو چوي تہ

ڪوڙين ڪايا تون ٿنهنجيون لکين لک هزار
جيء سيڪنهن جيء سين دوسن ڏارون ڏار

تئن فقير صاحب بہ ھو صورت دي وچ دلبر جو سينگار ٿو ڀسي جئن تہ

واھ دلبر کو سينگار آيا ھر صورت دي وچ يار آيا.

(صفحہ ١٨)

ھيء ڪلام سچو پڙھڻ وٽان آھي. اُن ۾ ڏيکاريل آھي تہ ڪئن ھڪ صاحب سھڻين صورتن اندر سمايل آھي. ۽ فقط ايترو ئي آھي تہ سيڪجهہ پاڻ پيو ڪجهہ جيڪي بہ نظري وھيو آھي سو سڀ اُن جي ئي صورت آھي. تنهنڪري فقير سائين هدايت ٿو ڪري تہ

پنهنجو ڳولي ڏس تون پاڻ آدم ڪئن سڏائين تون
آدم ڪئن سڏائين تون ۽ رنگ الاھي آھين تون.

(صفحہ ١٧)

بي ھنڌ چيو اٿن تہ

جي سڃاڻين پاڻ کي ۽ ساڳيو آن سلطان تون
عبد جو اولو ڪري آئين ٿي انسان تون.

(صفحہ ٢٧)

رنگ الاھي بہ آھي جو اصلي، عبدي ۽ لازوال

آهي. ڪڏهن اهو ولڳ شروع ٿيو؟
فقير صاحب چوي ٿو ته
سچ چئجي ته هو ڪٿيان لاري، اسان ان کان به اڳي اڳي
ٻڌو شاه صاحب جيان فقير سائين به لکيو آهي ته خيال جو
آهي ته مٿي جا ٿالهه ٻالهيون انهن لاءِ آهن، جي
نا قصائيءَ کان انگيل آهن. عام سنساري ماڻهن کي
هندو ماڳين هدايت ڪيل آهي ته محنت ڪري
۽ وکو وهائو. جيئن ته

سامي سيو ڪوڙ ڪنهن آئين، آئين لون ته ڪمائين لون.
١- جهڙو آئين لوڙو ويندين، موگا من ته منائين لون
٢- ڪو ڪمائي يار ٻنهنجي جي، ويڙو وکو وڃائين لون
٣- عشق پيدا ٿي اوکو اٿالگو، سوريءَ سو توائين لون.

اهو الهيءَ روحاني راهه ۾ ڪاميابيءَ جي ڪنجي
آهي ”لڪ“. ”جي پائين پرنءِ مڙان ته سک چوراکي
لات.“ لهائين جيان پاڻ کي ڀ ڪيون هيو ڀ ڪ،
جيئن پاهو ٻاقي نه نڪري. سدائين الهيءَ پار جي
ٿار ۾ محو رهي آنند ۾ گذار. گولگي جيان گڙ کائي
مٺڪ، پو ڪشڪ نه. سچ پچ ته هڪ دفعو جن دريءَ
مون ديدار ڪيو آهي، تن جي اکيان اهو نوراني
نقش وات ڏينهن پيو ڦري. جن قلب اندر ڪعبو
ڏٺو آهي، سي سچرائن جي سنمڪ. دائما جهڙ لائي محبت ۾
پيا گذارين، جيئن هيٺين ڪلام ۾ صاف ظاهر آهي:-

عاشق محبت ۾ مخمور ٿي ڪي ڪين سٺائن سور.

١- لڳڙو جنکي نينهن نرالو، تن پيتائون ڀرت پيالو، هڪ ڇڪي ۾ چور.

٢- الف الله ۾ ڪين اجارو، ايڏو سچ حقيقت وارو، ٿيا لسوو لور.

٣- قلب ڪعبو جنجو آهي، ٿي در ويندا ڪهڙي ڪاهي، ڪن ٿا هردم حج حضور.

٤- يار ٻيل کي رمز ولائي، رهبر مرشد راهه ٻتائي، ٿيو راضي رب غفور.

انهيءَ حق جي پروڙي ته ٻي ضروري ڳالهه آهي "هرڪان اڳي مرڻ"، ڇاڪاڻ ته "جيئتي موجاوڻ" ڪانسواءِ ان جون مرادون پڄڻ مشڪل آهن. ڪيترا ئي دفتر اٿلائي ڪاغذ ڪارا ڪري ته به "پاڻان ذره ڇڙهن، جنن ورق واري وترا." جيستائين هڪ "آيت آپ وڃاوڻ دي" مطالع نه ڪندو، تيستائين ڪيس روشني ملڻ مشڪل آهي. انهيءَ بنسبت فقير صاحب جن چون ٿا ته

سک رمز جيئتي موجاوڻ دي
ناهي حاجت هنر هلاوڻ دي.

١- شاهه منصور سو سوريءَ لولي، رمز الهيءَ اها ڳالهه ڇولي، لنو لنو دي وچ ڏڙي لولي، اناالحق الاوڻ دي.

٢- پڙهه پڙهه علم ڪيا فاضل هووين، مرڻ کنون اڳي مول نه مووين، جهڙا هووين تهڙا هووين، پڙهه آيت آپ وڃاوڻ دي.

٣- بيدل نفي اثبات ڪر ڇاڻين، وچ ايدا ئي آپ نه آڻين
ساري ذات صفات سڃاڻين، احدئون عبد ڇپاوڻ ڏي
جيڪڏهن اهڙيءَ طرح هڪ لکي ليکو ٿا ئي ۽ پوءِ ٿاٽ
وڃائي، نه دنيا جا حرص حواس انسان تي غالب
پهچي نه سگهندا ۽ سندس من اندر اهڙا موج جاڳندي،
جنهن جي اڳيان انساني خواهشون ڪيس اگريون
ليکون لڳنديون. جنهن فقير صاحب جن چيو آهي ته
ٻن ٻيٽي ڪيڙ الدي ٻولي، مٿن هان رانجهو دي گولي
ڏني عشق منڙي لولي، اشو اينهان ڏاڍو لاهو.
(صفحه ۴۷)

پي هنڌ عمر ماروئي جي پردي ۾ ٻڌ چيو اٿن ته
ٻن هسيون ٻن هار، عمر مو لڳي ڪين سيبا ٽڏا
دم دم ياد پون ٿا اباڻا (صفحه ۹۹).

سچو ڪلام پڙهڻ وٽان آهي. ڏيکاريل آهي ته
ڪيئن نه ماروئيءَ روپي عاشق پنهنجي ابدي الفت
تان سڀ دنيوي سک قربان نه ڪري. جيئن ماروئي
عمر جي بنگلن ۽ باغن، بافتن ۽ بخملن، عطرن ۽ عنبرن
کي خسيس ڄاڻي، اباڻا پونا ۽ پدر، ڪنا ۽ لوڻون وڏيڪ
پسند ٿي ڪري، عمر جي قلن ڄاڻين سيج تي سمهڻ
جي بدران خشڪ ترليءَ تي سمهي ٿي ۽ پوڙ پلاون
سان پيٽ ڀرڻ جي بدران ان کي اسيا ڏيئي الفت ۾
آسود ٿيڻ هڪ خوش نصيبي ٿي سمجهي، تئن

درويش پڻ دنيا جي سوادن ۽ مزن کي ترڪ ڪري ڦٽي ترڪ ڪري ۽ عشق جون جهڙا جهيون ۽ طعنا تهمت جهڙي سر تي چائي ٿو، جنهن فقير صاحب چيو آهي ته

عشق وچان ٿو حجاب، ڦٽ ڦڪڙي آهه ڏاج منهنجو.
آيا اينهن اواب، طعنا تهمت آهه لاڳ منهنجو.
ٻڙه واون جو آهه باب، سوليون سر سهاڳ منهنجو (صفحه ۴)

ائين سر سهندي هو پاڻ مطلق مساري ٿو ڇڏي ۽ اندر ۽ ٻاهر، پاڻ ۾ ۽ ٻين ۾ دلبر ئي دلبر ٿو ڏسي ۽ محسوس ٿو ڪري ته ڏسندڙ ۽ ڏٺل هڪ ئي چيز آهي يعني

ساهڙ سا سهڻي، سائر پڻ سوئي (شاه)

فقير سائين ٿو چوي ته
آهي دلبر مان ناهيان، ٻولي اها يار ٿو ٻولي.

يعني جنهن سامي ٿو چوي ته
ئي ذات سچائي ذات کي.

شاه صاحب جي بيتن وانگر بيدل سائينءَ جي ڪلام ۾ پڻ تجنيس خطي (Alliteration) جام آهي، جنهن هيٺيان لفظ ڏيکاريان ٿو:-

آگو اعتباري - تاهه وڏي تاهي - پيدن پڌايا - قلب ڪعبو - ذوق ظهور - الستي الجام - ڪچليون ڦوري - لاکيڻي لوئي وغيره

سٽون ٻ گهڙو ڪري اُبت آهن ۽ جنن ۾

پٽ ٻُڌو ٻنڌس ڪينڪي
سُرڙو ڏاڏنون سڄ ۾
ساعت پياڻان سال
مارو چاڙهن مال
جيئڙو آه جنجال

ٻيهي پس پکي مان، سوائن ٻڌو سوڙ.
پڻ مام ۾ ماٺهي مري.

سسئيءَ جي ڏاڪڙي جي ٽِهن ڏينهن (صفحه ١٣٤-١٤٢)، عشق جي ٻيٽن (صفحه ١٤٣ کان ١٤٨) ۽ جوڳين بابت ڏوهيڙن (صفحه ١٢٢-١٢٥) وغيره تجنيس خطي تمام سهڻي اصولي ٻيٺي اظري ۽ ڏيکاري ٿي ته ڪيڏو اٿاهه علم جو مالڪ هو فقير بيدل سائين. لفظ ٻه اچوکن شاعرن جيان ثقيل نه آهن ٻو بلڪل پورا ۽ معنيٰ دار. اهڙو ڪو بيت يا اهڙي ڪا ڪافي، وغيره مشڪل لڀندي، جنهن ۾ تجنيس حرفي اهابت نزاڪت ۽ خوبيءَ سان استعمال ڪيل نه هجي. بيدل سائينءَ جي ڪلام جو پورو پورو مزو وٺو هجي ته ڪتاب ڪڻي وڃي آلاپجين ته رگ رگ وقص ۾ اچي ويندي ۽ الله وارو ٿيو اچلون ڏيندو.

جيتوڻيڪ فقير صاحب جن انگريزي علم نه پڙهيا هو، ته به سندن ڪلام مان ظاهر آهي ته ڪين پاڪ


قرآن شريف جي واقفيت ڪافي هئي ۽ سورٺ، ٻيجل، عمر ماروئي، سهڻي ميهار وغيره واقعا جيڪي شاهه صاحب ۽ ٻين شاعرن انهن جي شعر ۾ قلمبند ڪيا آهن، تن جي پڻ پوري ڄاڻ هين. سندن شعر ۾ متشرعي خواه مجذوبي خيالن جي ماڻهن لاءِ بلڪل دلچسپ ۽ هدايتن سان ڀريل اشارا موجود آهن. علم و ادب جي لحاظ کان پڻ فقير صاحب جن جو شعر قابل مطالع آهي. ڪٿي ته الهام اولهيون ٽپيون هڻيون اٿن، ڪٿي وري ڀيوا مٿي پورهه ته ڪٿي اوچا منجهه آڪاس بيٺا آهن. فقير صاحب جن قلبي شاعر هئا. سندن قال بعينه ڪلام سندن حال بعينه وهڻيءَ سان موافقت ۾ آهي، انهنڪري اثرائتو ۽ وزندار آهي.

(١٠) فقير صاحب جا همعصر

اتر سنڌ ۾ ساڳئي وقت ٽي درويش ٿي گذريا آهن، جي جهڙ ڪ شڪارپور کان وٺي وينجهي اتر سرحد ٻاران کان ڪڇ، مٿيري مقاصد لاءِ ملڪ جا باطني استاد هئا. هڪ شڪارپور جي ويجهو فقير بيدل سائين، ٻيو شڪارپور کان ١٢ اسٽيشنون پري هماڻون اسٽيشن جي اڳ، هماڻون جي ڳوٺ ۾ مولوي عبدالغفور صاحب (مفتون) ۽ ٽيون جيڪب آباد جي ٻاران بلوچستان جي لاڙي علائقي

۽ فقير رکيل شاھ سائين. مولوي صاحب جن
ٻهو يائين چولو چڙهيو ته تنهن کان پوءِ رکيل شاھ سائين
۽ ٻيا ڙڏيءَ ۾ فقير ٻيل سائين. تنهن جو ڪلام بلڪل
اعليٰ ۽ موزون آهي ۽ روحانيت سان ڀريل آهي.
ٻنهي ٻن صاحبن جو ڪجهه. تمام ٿورو شعر اڳي ڪن
جاين جي ڳنڍڪن ۾ آيل آهي، ٻه اچا باقاعدي
رسالو ڪونه ڪيو ويو آهي. اڄ سنڌ ۾ گهڻو ڪري
ماڻهو مٿين ٽن درويشن مان هڪ نه هڪ جا مُريدئي
معتقد آهن





١. ساراهيان سچو ڌڻي قادر قوبدار
جنهن نبي پيدا ڪيو نور مون سونهن ڀلو سردار
تون خاوند آهين خلق کي ڏيهه ڌڻي ڏاتار
مان پر مدايون گهڻيون اچي ميٽيندو مختيار
هادي ڏينهن حشر جي ڪرائيندو دل سندو ديدار
آهي ڪلمو جن قرار تن تي ٻاجهه ٻيو چوي.

٢. ساراهيان سچو ڌڻي جيڪو آگو آهه الله
جنهن نبي پيدا ڪيو نور مون منو محمد شاهه
الم آهي اڳرو امت جو امراءِ
لاهي ڪس قلوب جي جنهن آجو ڪيو ارواح
لنگهائيندو لڪن کون جيڪو سڪيو ليندو ساهه
جنهن ورتو ڪلمي سندو راهه تن تي ٻاجهه ٻيو چوي.


٣. ساراهيان سچو ڌڻي جيڪو پاڪ آهي پرور
اڳل نانءُ الله جو پيغمبرن محمد آهه مشر
مرشد سڀ معافي ڪيو مان تون ڏولائو ڏونگر
اوکي منجهه اُنڙ چوي ايندو آريا ڏي انور
چناسي چڻ پٽ کون کليو بهشت جو در
آهه آجو تن اندر ڪلمو جن قلوب ۾.
٤. ساراهيان سچو ڌڻي جنهن جي قدرت قراري
ڪلمو جنهن تي راس ٿيو ڪندو سيد ستاري
ڪاهي ايندو ڪاڪ ۾ جاني منزل آهه ڀاري
قبر جي عذاب کون رکندو آگو اعتباري
الله لڳه الحمد ۾ ڏيندو ڪلمي سان ياري
ڏسي حسن حبيب جو وٺندو هينئڙو هوشياري
جنهن جي يار سان ياري تنهنکي ڪس لڳندي ڪاڪا.
٥. ساراهيان سچو ڌڻي جيڪو دلاسو ڏيندو
عربي عيب امت جا اچي ڍوليو ڍڪيندو
سيد وٺي سات سان هي اسان ڏي نيندو
منهنجا عرض انڙ چوي مولا مڃيندو
بديون بخشيندو ڪلمي جي ڪ ڪراد سان.
٦. ساراهيان سچو ڌڻي جنهن جوڙيو ملڪ جهان
ڪن فيڪون جي ڪل ۾ جنهن جو زمين ۽ آسمان
سڀ ساسيءَ کي ساهه وجهي جنهن بڻايو باغ بيان
روزي تو رازق ڏني جو آهه مالڪ مهربان

ٻيڙي لنگهائيندو ٻاجھ سان ڪندو آگوڻي احسان
ايندو محمد مصطفيٰ ملهائيندو ميدان
آه سيد تي ايمان جيڪو پار لنگهائيندو پاتشاه.

٧. ساراهيان سچو ڌڻي جيڪو قادر ڪرم ڪندو
سيد آهي سهڻو جنهن جو تجلو نور سندو
مديون ماڻهن جون اچي محمد ميڙيندو
هيڻن سان هلندو ڌڻي پاند پناه جو.

٨. صفت صاحب جي ڪجي ناهه وڏي ناهي
سيد مالڪ سات جو جيڪو آرياڻي آهي
ڪامل ڏينهن قيام جي ايندو ڪيچ ڌڻي ڪاهي
بديون بخشائي نيندو ڪلمي جي تہ قرار سان.





پلي يار آيا

خاڪي بدن ۾ پلي يار آيا
دل ڪاد رسن دوست مڱڻ ديدار پايا.

۱. تنهنجي سڪ ۾ يار سدا ٿي هيءَ سڪي
پروانا ٻرڏي رويون روز لڪي
من کي محب اچڻ ويڻي وات پڇي
تنهنجي ملڻ ڪاڻ مان اداسي آهيان.

۲. ننڊڙي لاڪون نينهن، جاڪون مڱڻ چايا
آٽي عشق عجيب ٻنڌڻ ٻڌايا
اگڻ اسانجي پير تو گهمايا
سنڙي ٿي سنيار جنهين دم آيا.

۳. تنهنجي ملڻ ڪاڻ باسان ٿي باسي
هج تون اسان وٽ ٻولن ٿيءَ نه پاسي
هن جو مڱيءَ کي نينهن ۾ نوازي
پنهنجا قول قرار ڪري وئين سجايا.

۴. بيدل چوي يار سگهو مل سائين
راتيان ڏينهان منهنجون اکڙيون ايڏاهين
هيءَ جو ڪٽري آهه در تيڏي دانهين
تنهنجي درد فراق دولهان ٿي ڏکايا.

بيدل فقير جو رسالو

ڪافي نمبر (١)

عشق جو ميدان

ٻڌو ڳُڙهه ٻُڌجهي ٻاءِ عشق تي آڏو ادا.

١- مرد ٿيءِ منصور جيان ڪٽي روح ڌڙن ٻه چاءِ؛
لاهي سانگا ساهه جا سوريءَ تي ڪٽي سو نواءِ.

٢- وحدت واريءَ وات تي ٻوهه ماهر مانجهي مريءِ؛
سؤ لڳين صدقو ڪري اهو سو ڪٽي گهوري گهماءِ.

٣- ٻيءَ ٻيائي ٻوٽ مون وحدت اندر وڪڙي وڌاءِ؛
آءِ چلي چوگان ۾ ٻوءِ ڪاس ڪان ڪنڌ اکياءِ.

٤- الف سان اجرو ڪري ڪٽي جسم پنهنجي کي جڳاءِ؛
ذڪر ذاتي ذوق جو ڪٽي دل اندر دونهون دکاءِ.

٥- لالي لوائيا جيڪي نينهن جي
آسد بيدل تن کي سڄي؛
سنگت تن سائين سندي هندڙا ڪري پل پل ٻچاءِ.

ڪافي نمبر (٢)

عشق عجب اسرار

ڏاڍا ٻهه دا باري بار آيا
سر تي عشق عجب اسرار آيا.

۱- پوهه نه بحري باز ڏٺم
تنهن شوق شاهي شهباز ڏٺم،
عاشق شيرين تي فرهاد ڏٺم
وڃي ڏونگر ۾ ڏهڪار آيا.
۲- مجنون ليليٰ تي ديوانه ڏٺم
تنهن حيرت وچ حيران ڏٺم،
شاهه ڪنعاني سلطان ڏٺم
ٿي پردا وچ بازار آيا.
۳- هڪ چڪيءَ ۾ چور ڏٺم
تنهن مرد سچو منصور ڏٺم،
الاهيءَ محبت ۾ مخمور ڏٺم
چڙهي سوريءَ تي نه سوار آيا.
۴- پڙهي پوهه سندو ڪو باب ڏٺم
تنهن ۾ ڏوهه لکو ڪو ثواب ڏٺم،
اٿو عشق سندو ڪو جواب ڏٺم
پوري جنگ سندو جهنڊا آيا.
۵- هر جاءِ پڌل حق نور ڏٺم
دل ۾ دلبر جو ڪو حضور ڏٺم،
پئن موسيٰ تي ڪوهه طور ڏٺم
تجلي تاب لکو چمڪار آيا.

ڪافي نمبر (۳)

عشق جو آڙاهه

عشق سندي آڙاهه ۾ عاشق جهڙي جان جلائن ٿا.

١- واٽيان ڏينهان روح پنهنجي ۾ وينا رام رهجهائن ٿا.
٢- اَڏي عيد اُنهن جي آهي
جيڪي ڪوپا ڪند ڪپائين ٿا.
٣- جن ملڪ جي جاه اِ جاتي پيو اُني ليکي پائين ٿا.
٤- عشق پيالا ٿي اِمام اُنهن جو
جيڪي سجدي سيس لوائين ٿا.

ڪافي نمبر (٤)

دل جو درد

درد دل جو ڇوان ڪنهن کي
بنا ديدار ڪونهي ڇاروُن.
١- سجڻ ڪي سڪ منجهان ساريان
اکين مان آب ٿي هاريان،
تو بن گهڙيون ڪيئن گهاريان
موڙي آءِ مهب مهاروُن.
٢- ڪئي هان فراقن فاني
ڪڏهن ملندو دل جاني؟
ڦران درد ديواني
ڦٽي هنجو نيو ڦاروُن.
٣- اَگڙ منهنجي يار ني ايندو
دلاسا دوست جو ڏيندو،
لماڻي نال هي نيندو
ڪريان ونجي روز پوڪاروُن.

۴- اَڌا ڪاصد آئي وڃاڻ،
پريل جو حال ھيءَ چئجاڻ ؛

ٻڌي ھٿڙا ٻيرين ٻڌجاڻ،
منھنجي يارن کي ٿُن زاريون.

ڪافي نمبر (۵)

برھ وارن جو باب

عشق وڃايو حجاب
ڦٽ ڦڪري آھه ڏاج منھنجو.

۱- ڳالھيون ڳجھ سڄڻ جا ڳايان
حال اندر جو ڪنھن ٻڌايان ؛

آئيا شوق شتاب
دلڪي سمجھن راز منھنجو.

۲- ٻاري بار برھ جو آيم
بسم الله ڪري سو ٿي چايم ؛

آيا نينھن نواب
طعنا تھمت آھه لاڳ منھنجو.

۳- لڪ لنگھي جڏھين يار پياسي
ملڪ اٿيءَ ھه آئي وياسي ؛

ڪوڙھي ڏوھه ثواب
عرش اوتارو آھه ماڳ منھنجو.

۴- پريل محبت جيڪي منيون
سولي سھنديون جھيڙا جنيون ؛

برھ وارن جو آھه باب
سونيون سور سھاڳ منھنجو.

کافي نمبر (٦)

عشق جي اُلٽي بازي

درد بنا ٻيو سمجهي ڪير
اُلٽي بازي عشق جي آهي.

١- باهه ٻره جي ڏي ٽي پڙڪا
مچ ۾ گهڙي ڪو مرد مٿير.

٢- هيءَ ڪان ڪار ڪسٽ جي آهي
راند ڪٿي ڪو شير دلير.

٣- جيڪري جان جلائي پنهنجي
پوءِ پائي هن پڙ ۾ پير.

٤- سمجهه بيدل هن ڳالهه ڳجهيءَ جو
لاهوتي ڪو لکندو پير.

کافي نمبر (٧)

محبت ۾ مخمور

ٻي ڪي ڪين سڃاڻن سور عاشق محبت ۾ مخمور.

١- لڳڙو جنکي نينهن نرالو ٻه پيتائون پرت پيالو،
ٿيا هڪ چڪي ۾ چور.

٢- اَلف اندر ۾ ڪين اُجارو ايرو سج حقيقت وارو
ٿيا لسورو نور.

٣- قلب ڪعبو جنجو آهي ٻي در ويندا ڪهڙي ڪاهي
ڪن ٿا هردم حج حضور.

٤- يار بيدل کي رمز رلائي رهبر مرشد راهه ٻڌائي
ٿيو راضي رب غفور.

ڪافي نمبر (٨)

يار جا ديدار

اڄ ته مونکي عيد ٿي جڏهن يار جا ديدار ٿيا.

١- پر پيالو وٺڻ ڏيئي دل ديواني جنهن ڪئي،
کلي عين پيا اکڙيون ڀڃي گلبدن گلزار ٿيا.

٢- سينو صفا سڀ صاف ٿيو تنهن ۾ ذڪر الله ٿيو،
رڳ رڳ آئي پرواز پيو غير مڙيئي سڀ غار ٿيا.

٣- مٺن ڏٺا مهتاب ها تجلي تڪي ڏاڍو تاب ها،
شافع نبي سرتاج ها ساٿي سڀ سردار ٿيا.

٤- سچ ٻڌل سو ڳهور تون بت پڇي ڪر پور تون،
مرد نا منهن موڙيون سر صدق سؤ وار ٿيا.

ڪافي نمبر (٩)

نينهن جا نڪتا

جن نينهن جا نڪتا پڙهيا
سي ته پور پورين ويا چڙهيا.

١- نينهن جو نعرو هڻي
ويا برهه جي بازي کٽي،
سڪ ساهه ۾ هيڙن گهٽي
سي ته عالم ۾ هتنا اڙٻا.

٢- جوان پيا جيڏي مري
ڪولي ڏنا نون دل جي دري،
سڙها ٿيا سڪ ۾ وري
تن جا جيءَ جانب سان جڙيا.

٣- جن کي لڳي لنءُ يار جي
وسري وڃن ڪم ڪار ٻيءِ؛
طالب هيڻ سردار جي
سي نه لام ٻيءَ ڏي لاڙيا.
٤- سچ ٻيدل سچي سور ۾
پل پل پوڻ جي پور ۾؛
ماندا انهيءَ مذڪور ۾
سي تن سوز ۾ سارا سڙيا.

ڪافي نمبر (١٠)

آڏانگو عشق

آڏانگو عشق آهه اوکو هزارين مرد ماري ٿو.
١- ڏٺي منصور جان مستي پياري جام تو دستي؛
وسائي دل سندي وستي مٺي جندڙي جياري ٿو.
٢- نوان نيشان ٿو کوڙي جاڙون اچي جيءَ ۾ جوڙي؛
خوديءَ جا خيال تو ٽوڙي جڏهن منهڙو ڏيکاري ٿو.
٣- لائي محبت سنديون موڪان وڃائي غير ڏٺي چوڪان؛
ٻنائي جيءَ اندر جهوڪان سبق سورن جا سيکاريئو.
٤- ٻيدل لنءُ عشق اچي لائي ٻائي ويو يار ڪا جهاتي؛
اندر ٻاهر ذڪر ذاتي لن من ۾ تنواري ٿو.

ڪافي نمبر (١١)

آهي دلبر مان نه آهيان

ڇڏي دنيا کي ٻي سرتيءَ دري ڏس دل واري ڪولي.

١- سڄا ٽيج سڀ هڻي ساڙو لاهي ڇڏ مرد مونجهارو؛
وسائج ديس دل وارو لهي وٺ لعل کي ڳولي.
٢- دنيا جي ڇوڙ اُون دعوي پيهي ڇڏ غير جا ڪاوا؛
اڳيون چوندء سڄڻ وه واه سونهين منجهه پاڪ جي ٽولي.
۴- موڪي ڏس در دلبر جو سڃي رب پاڪ ٻرو جو؛
تو ۾ آهي نور انور جو سارو اسرار اندر ڇولي.
۴- چوي بيدل مان ڇا آهيان ڳالهيون ڳجهه يار جا ڳايان؛
آهي دلبر مان ناهيان ٻولي اها يار تو ٻولي.

ڪافي نمبر (١٢)

ڪاڏي لڪان ؟

سڄڻ ريءَ ٿي سڪان محبت ماري آهيان.
١- ڪٺندس خان پنهل ڏي وحدت واريون وڪان.
٢- ڪاغذ ڪيچ ڏٽيءِ ڏي روئيون روئيون لکان.
٣- دل ۾ دلبر يار جا سبق ويٺي سکان.
۴- نينهن بيدل تروار ڪيو هاڻي ڪاڏي لڪان ؟

ڪافي نمبر (١٣)

منصوري مام

منصوري اِيها مام
عاشق ٻاجهون ٻيو ڪير سمجهي
١- خيال خوديءَ جا عاشق توڙن
مرڻ کنون سي منهن نه موڙن
ڪسي ٿين قتلام.

۲- وڃن ڪلاين ڪامل ڪاهي
ڪنت ڪلهن ڪون لاشڪ لاهي
جنگ پين ٿا جام.

۳- محبت واري موج ٿا ماڻن
هو جاءِ حق جي ذات سڃاڻن
پيئي دنيءَ وارا دام.

۴- صدقي ساهه ڪن قرباني
فڪر انهيءَ پر تين ٿا فاني
پڙا اوڏو تن انجام.

۵- سوريءَ تي ڪن نه سر جو سانگو
نيڻهن بيدل ٿي نسنگ نانگو
پيا چاڙهن عام.

ڪافي نمبر (۱۴)

عشق جو عجب رنگ

ڏاڍو عشق عجب رنگ لايو تو لايو شور مچايو تو.
۱- ڪاٺ پنهل جي سر سسئيءَ جو روهن منجهه رلايو تو.
۲- شاهه منصور جي چولي اندر انا الحق آلايو تو.
۳- هير جي خاطر شاهه رانجهن جو نيڻين نير وهايو تو.
۴- شيخ صنعان جهڙا عالم عابد تن جو هوش گنوايو تو.
۵- حسن حسين جهڙا شير بهادر ڪربل منجهه کهايو تو.
۶- ليليٰ خاطر مجنون ديوانو ولين منجهه ويڙهايو تو.
۷- بندڻن لاڪڙ يار بيدل کي جانب جام پلايو تو.

ڪافي نمبر (١٥)

آندرم اسرار

سمجھ سرسھي ڪريار اَنئي اَندرم اسرار.

١- جو دم جيوين رھج فڪرم ذاتيم واري ذوق ذڪرم
بڌ چاتيءَ م چمڪار.

٢- بانڪا ڪيڏون برھ جي بازي پا ط وڃانج گم تي غازي
ڪر تڙ سسيءَ ڪون ڌار.

٣- ويھي اَنت اَندرم اورج رانيان ڏينھان چرخو چورج
قلبيءَ جي ڪوڪار.

٤- آھ بيدل ڪي عشق اول ڪون رمز لڳي تس روز ازل ڪون
سرڪي صاف ڏني سردار.

ڪافي نمبر (١٦)

عشق عجب اسرار

عشق عجب اسرار ڏنم برھ جو باري بار ڏنم.

١- مجنيءَ ڪي لنو ليليءَ لائي
روندا زارون زار ڏنم.

٢- منصور ڪي ڪنھن محبت ماريو
سوليءَ تي ھسوار ڏنم.

٣- صوفيءَ جو سرنيزي چاڙھيئون
سامي سخن سچيار ڏنم.

٤- يار بيدل جي ڪرل ھميشه
دم دم جو ديدار ڏنم.

ڪافي نمبر (١٧)

آوکو عشق آفات

آوکو عشق اَديون آفات آهي
هيءَ راند رڳو مون مري کو ملهائي.

١- لنءُ لنءُ ۾ لاڙي لڳي آهه جن کي
هيءَ سڌ تہ ساري خبر آهہ تن کي؛
لاهوتي لنگهي ويا وکڙي وڌائي.

٢- اهڙو عشق آهي، تو رمزان ولائي
لکين مرد ماڻهي تو خوني کپائي؛
هٺي نينهن لعرو تو کونتل کڍائي.

٣- نظر سان نهوڙي وجهي تو وکوڙي
موتي مرڳ کون منهن کين موڙي؛
آڏيون اَڏي تي تو کوپا کهائي.

٤- دلڙي کسي ويو پاني يار جهاتي
اَصلي بيدل کي آهي ذوق ذاتي؛
دکن درد دولهان مچ ويو مچائي.

ڪافي نمبر (١٨)

بار بره جو باري

ڏايو بار بره جو باري آهہ
سڌ سور وارن کي ساري آهہ.

١- ڇاتيءَ ۾ جڏهن پاتم جهاتي
دلبر ديد ڏيکاري آهہ.

۲- ٻاھ ٻوھ جي ڏي ٿي پڙڪا
ٻاروچل اچي ٻاري آھ.

۳- ٻانهي گولي يار پنهنجي جي
پاند ڳچي ۾ ڳل ڳاري آھ.

۴- لنو لنو دي وچ لاٽ اُھاڻي
قرب وھائي ڪاري آھ.

۵- سرڪ بيدل ڪي صحبت واري
ٻڪري يار پياري آھ.

ڪافي نمبر (۱۹)

دم دم ۾ ديدار

جنهن نون عشق لڳا اسرار تنهن نون دم دم ھئي ديدار.

۱- عشق گهتي جڏھن دام دوالي عاشق قرندا مست موالي؛
عشق جي آهي چال نرالي عشق ڪري دل باغ بهار.

۲- عشق جڏھن تو رمز رلائي سوري مٿي پيو سرچڙھائي؛
ذاتي نڪتا ليهن پڙھائي عشق آھي تان سرسردار.

۳- عشق ڏيکاري نوري لهلا اندر ٻاهر هوُ هوُ الله؛
عشق پياري جام پيالا عشق آهي تان عجب خمار.

۴- عشق بيدل جڏھن فوج اُٿاري
سولين لکين پيو ماڻهي ماري؛
ورد وظائف عشق وساري
عشق دي آهي سخت بازار.

ڪافي نمبر (۲۰)

جهڙي مرڻ

سڪ رمز جيتي مرجاوڻ دي
لاهي حاجت هنر هلاوڻ دي.

۱- شاه منصور سر سوري بولي
رمز انهيءَ اها ڳالهه چولي؛
لنو لنو دي وچ ڏنڙي اولي
انا الحق الاوڻ دي.

۲- علم عقل نون عشق نه مندا
جان جان هستي دا حال نه پندا؛
چوڙ تڪيا انهيءَ خاڪي تن دا
نيت نه رک ول آوڻ دي.

۳- چوڙ دعوا هڪ درد ڪون گهن تون
بد هوائي دا بوٽا پٽ تون؛
مرشد واري مام چاگهن تون
کرنه ڪسب ڪماوڻ دي.

۴- پڙهه پڙهه علم ڪيا فاضل هووين
مرڻ ڪنون اڳي مول نه مووين؛
جهڙا هووين تهڙا هووين
پڙهه آيت آپ وڃاوڻ دي.

۵- بيدل نفي اثبات کر جاٽين
وچ آهٽا دي آپ نه آٽين؛

ساري ذات صفات سمائين
احد نون عبد ڇپاوڻ دي.

ڪافي نمبر (٢١)

محبت واري مام

محبت واري مام سڃيون مرد گهڻا مشهور ڪيا.
١- سوريءَ تي ڪن سانگ نه عاشق ڪيئي تين قتلام.
٢- بار بره جو بيشڪ ڀاري غازي ڪڍندا گام.
٣- الف جنهين کي آهه اندر ٻي نه اٿندا لام.
۴- ڪڏهن وسارن ڪينڪي الستي انجام.
٥- رمز بيدل جو روح ريجهايو جهڙ جان ڏيئي جام.

ڪافي نمبر (٢٢)

سڀني ۾ آپ سمايا

نظر پيو سي يار پيارو ناچو بڻڪي آيا جي.

١- اندر تونهين باهر تونهين
هر جگ دي وچ وسندا تونهين،
پوش رنگي سر پايا جي.

٢- ڪاتي ساز سرود وڄائين ڪاتي شريعت راه بتائين،
ڪاتي منصور مرايا جي.

٣- احد نون آئين عبد سڏائين
وچ پيري دي آپ ڇپائين،
اپنا پيڙه رايا جي.

٤- يار ٻيل جي ڪول سدائي
ونهن اقرب ناهه جدائي؟
سيني ۾ آپ سمايا جي.

ڪافي نمبر (٢٣)

اکڙين جو اسرار

تنهنجي اکڙين جي اسرار هزارين حيران ڪيا.
١- پير پيغمبر شاهه سڪندر ڪامل ڪلنگي دار
موهي مستان ڪيا.
٢- انهن ڪجلين ڪيڏي گهايا ابروءَ جي جهلڪار
تاري ديوانا ڪيا.
٣- عشق مجني کي ٻوڙ ٻهاريو ولين ڪيس ولهار
گوندر گهمسان ڪيا.
٤- عشق ٻيدا ٿي اوکو اٽانگو درد لايا تاتڪار
سودن سامان ڪيا.

ڪافي نمبر (٢٤)

نيڻن جي چوٽ

جنهن کون لڳڙي چوٽ نيڻاندي
سا مست ٿري دل ماندي.
١- راليان ڏينهان طلب توهان جي
وار ناهيان هڪ واندي.
٢- عشق سڄڻ جي آتش ٻاري
هنجڙي منجهه هيڪاندي.

٣- سور اُنهيءَ جي سڌ سائي جاڻي
جيڪا عشق اُڙيءَ ۾ آندي.
٤- اَڳڻ ٻيدي جي يارنسي ايندو
ڏيندس ٻانهن سيرانڌي.

ڪافي نمبر (٣٥)

هاديءَ جو حسن

حسن هرجاءِ هاديءَ جو   نظر ۾ نور آيو سي.
١- ڪڙا هي يار اندر چولي   گفتا غيب پيو ٻولي؛
ديدان هي دل جون کولي   عجب ديدار پايو سي.
٢- جاڙي تاڏي ڏسان جائي   ٻسي سو پاڪ پيشاني؛
ڀوري آيو پوش سلطاني   جنهين جي گهورگهايو سي.
٣- لکي ليڪڙو پاتائين   لکيو پنهنجو قول ڪيائين؛
والانسان سري چيائين   واعدي خوش ڪرايو سي.
٤- ٻيدل جي ڪول ٻي دلبر   وسي ويجهو وانهن اقرب؛
مدد مولي سچو سرور   سيني ۾ يار سمايو سي.

ڪافي نمبر (٣٦)

سر ڏيئي سر ڪٽ

هميشه يار جي حب رک   ڇڏي ڏي حرص حيراني
١- نانگا هٿ نينهن جو نعرو   لاهي ڇڏ لوڪ جو لارو
سيني ۾ سير تي سارو   تجلو نور نوراني.
٢- پيئين ٽا پنڌ جي پورجا   سا نانگا تن ڪي ناهن سرجا
پين ٽا جام ڪوثر جا   لنگهي ٿيا لعل لاثاني.

٣- ويانبج وقت نا وڃي اُٿي تون جاڳ پرڀڙي
هنڌون هليا ويا ڪيئي سڪندر شاھ سلطاني.
٤- بيدل سوريءَ سر سڄي ھونتي پير نا هٿڙي
ڏيئي سر هي سر ڪٽجي رسي پوءِ فيض رحماني.

ڪافي نمبر (٢٧)

رنگ الهي آهين تون

پنهنجو ڳولي ڏس تون پاڻ
آدم ڪٿي ڪونا ٿين تون؛
رنگ الهي آهين تون.
١- تون ڪعبه تون قبله
ذات مون ذات جا ڳا ٿين تون؛
بطيا باغ ۽ دل جي اندر
هردم حڪم هلائين تون.
٢- دلدل والگي بت بنايو
تنهن ڪي آپ اچا ٿين لون؛
واهن اقرب آپ آلايو
هڪ ڪيون پاڻ لڪا ٿين تون
٣- پاڻ گهمائين پاڻ گهتائين
بازي آپ بنائين تون؛
سوريءَ تي منصور چڙهائين انا الحق الائين تون.
٤- بيڙو آکي هر مظهر دي وچ
آپي رنگ رلائين تون؛

آپـي ملان آپـي قاضي
آپي درس پڙهائين لـون.

كافي نمبر (٢٨)

هر صورت دي وچ يار

وه دلبر كري سينگار آيا
هر صورت دي وچ يار آيا.

١- كاتي ميخانه مخـمـور ڏٺم
كاتي شريعت ذوق ظهور ڏٺم،
كاتي سوريءَ تي منصور ڏٺم
چئي انا الحق اظهـار آيا.

٢- كاتي مٽي لذت تيـار ڏٺم
كاتي چٽو چوكيدار ڏٺم،
كاتي كارانو كمدار ڏٺم
كاتي ناچو تي نروار آيا.

٣- كاتي عيسيٰ آتي داؤد ڏٺم
كاتي ابراهيم خليل الله ڏٺم،
كاتي موسيٰ كليم الله ڏٺم
كاتي احد علي اظهار آيا.

٤- كاتي عجب هي ادريس ڏٺم
كاتي يحيٰ نبي جرجيس ڏٺم،
كاتي حسن حسين شهيد ڏٺم
كاتي احمد تي اعتبار آيا.

٥- ڪاڏي صحيح ٿيا سلطان ڏنم
ڪاڏي پڙهندا ياد قران ڏٺم؛
ڪاڏي ڳل جهليان صنعان ڏٺم
ڪاڏي يوسف مصر بازار آيا.

ڪافي نمبر (٢٩)

حسن جي بازار

حسن بازار ۾ هر دم ڪسڻ جي ڪار آهه يارو.
١- برهه جي باهه تي پڙڪي جلائن جان صوفي سوڪي،
ڪوڙا موتيا ٿيون ڏڙڪي سچن هنيون ليڪهن جو نعرو.
٢- مڙن آهي ڪين مردانا سوين سوتي سهن طعنا،
ڪيا هن ديد ديوانا ڏسڻ سان سيو ٿين سارو.
٣- قاتل ٿيا روز ڪوڪارين لکين ٿيا مام سان ماڙين،
جگر جو خون ٿيا هارين ڪري جتي سيف سنڪارو.
٤- بيدل سڻ مام محبت جي وٺي وڃ وات وحدت جي،
سوکي آئي صاف صحبت جي
لاهي چڏ لوڪ جو لاڙو.

ڪافي نمبر (٣٠)

طلب توهان جي

درد مچايان ڏڙيان يار سرتيون سورن سمهڻ وڃايو.
١- الف اسان نون يار پڙهايا لام ڏي مول نه لڙيان يار.
٢- دام ڊيڊن جي ۾ دلڙي ڦاٿي آءٌ أما لڪ آڙيان يار.
٣- عشق خليلي آڙاهه مچايو سور انهيءَ وچ سڙيان يار.
٤- يار بيدل کي طلب توهان جي خيال انهيءَ وچ ڪڙيان يار.

ڪافي نمبر (٣١)

دل جون پڪارون

عرش اڏامي ويئون

دل جون دم دم پڪارون پڪارون.

١- عشق اوهانجي هيءَ حال جو ڪيڙو
هوش عقل سارو گم جو ٿيڙو
لهي ويئون لوڪ ميارون ميارون.

٢- اوهان ڇوٽيون ڇوريو منهنجا چاڪ چڪن ٿا
دل جي اندر ڏونهان روز دکن ٿا
ڏاڍي محبت مارون مارون.

٣- درد منجهارون دل ڏانهون جو ڪيڙيون
عرش عظيم کون لنگهي پار جو پيڙاون
يار بيدل جون اچنگارون اچنگارون

ڪافي نمبر (٣٢)

ننگ ناموس ڇٽ

عشق جڏهن لنو لائي تو
ننگ ناموس وڃائي تو.

١- لنو لنو اندر اوري لائي
مٿيون سڀ منجهائي تو
ڇوري ڇوري ڇوڪان ماري
خون جگر جو ڪائي تو.

۲- ٿي منصور نہ سولي‌ء اُتي
انا لحق الائـي ٿـو.
عشاقن کي آٽي اندر ۾
قرب جا ڪات وهائي ٿو.
۳- درد وارا تان دفتر کولي
سڪ جا سبق پڙهائي ٿو؛
الف کيا آواز اندر ۾
بوليون يار بتائي ٿو.
۴- لکين لوک نہ ڏني پيو طعنا
نوبت نينهن وڄائي ٿو؛
مار زغارک شرط شهانا
هر جا حکم هلائـي ٿو.
۵- وچ ميدان محبت والي
کوہو کند کپائي ٿو؛
مرڻ کنون تان مول نہ مڙندا
پيو پوت ۾ پائـي ٿو.
۶- يار بيدل کي راتيان ڏينهان
جيء ۾ جوش جڳائي ٿو؛
مرشد ميرا حق جي صورت
رهبر راه بتائـي ٿو.

ڪافي نمبر (۳۳)

رندي‌ءَ جو راه

هوُ هوُ هل مچايو آه
لنؤ لنؤ دي وچ لاٽ اٿائي.

١- جاڏي ڏسان ناڏي يار جو ديرو
صورت وچ سمايو آهه .

٢- وَنحن اقرب دائم دل ۾
هاديءَ حق فرمايو آهه .

٣- عشق جي آتش بدن ۾ ڀڙڪي
دردن دود دکايو آهه .

٤- رمز رنديءَ جو راهه بيدل کي
پير مغان پوڇايو آهه .

ڪافي نمبر (٣٤)

رمز رانجهن جي

جيڪا رانجهن رمز رلائي سا عجب ڏسڻ ۾ آئي .

١- راتيان ڏينهان طلب توهانجي خيال ويو تن کائي .

٢- زوراوهان جي لسنگ لهوڙيو چشمن چوٽ چلائي .

٣- محبت لنهنجي مچ مچايا دوانهين درد دکائي .

٤- روز ازل کون يار بيدل کي هردم خيال خدائي .

ڪافي نمبر (٣٥)

عشق الهي عقاب

عشق الهي عقاب
سک پڙهايو آهه بره جو باب .

١- سک زليخا يوسف سانڍو
ماڳ مولجي رسيو وڃي راڏو
سهڻيءَ ميهڙ لئه وسايو پاڏو
محب مليس مهتاب .

٢- سک شيرين فرهاد پڪاريو
محبت ليليءَ مجنون ماريو؛
سک سسئيءَ کي ڏونگر ڏيکاريو
پنهل جي نينهن ثواب.

٣- تخت هزاري جو صاحبزادو
هير کي هٿ ارادي آندو؛
مارئيءَ کي کيڙو ڪوٽن ماندو
عمر جي سرتي عذاب.

٤- سک ڏيکاريو سوڻي ميهاڻو
شوق شراب کيو مستانو؛
بيدل دم جو دريا ديوانو
سر ڏيڻ آهي ثواب.

ڪافي نمبر (٣٦)

سر گهوريندس

گهڙيءَ گهڙيءَ سر گهوريندس
مان تہ ڏيهہ پنهل لئہ ڏوريندس.

١- هيءَ سر يار سڄڻ جي اڳتون
ڪنڌ ڪلهن تون ڪوريندس.

٢- راتيان ڏينهان روح پنهنجي ۾
سک جا سڳا مان سوريندس.

٣- پکي بيدل جي آهہ تون پيهي
حال اندر جو اوريندس.

کافي نمبر (٣٧)

درد مچايون ڏڙيون

درد مچايون ڏڙيون اکيون اڙيون قابو ڪڙيون.

١- اکڙيون ڀري باز جان لاشڪ آڻي اڙيون.

٢- سڪ تي سمجهون ڪينڪي
سور انهيءَ ۾ سڙيون.

٣- لنو لنو منجهه لڳي ويئون مٺان محبت مڙهيون.

٤- سڪ جا سانئير روز بيدل کي چٽڪن جن چڙهيون.

کافي نمبر (٣٨)

سر ڏي سوريءَ سنيري.

عاشق تنهن ته اچ يار سر ڏي سوريءَ سنيري.

١- محبت جي ميدان ۾ پرواني جان پچ يار.

٢- لاهي سانگا ساهه جا رمز انهيءَ ۾ روچ يار.

٣- مرد مڙندا ڪينڪي ساک چوندا سچ يار.

٤- روز بيدل جي روح ۾ محبت پاريو مچ يار.

کافي نمبر (٣٩)

سوريءَ تي سر

جيڪي هن عشق ۾ ايندا
سوريءَ تي سر سدا ڏيندا.

١- مٺي سوريءَ عاشق آيا
انهن آڪڙين ڪيئي گهايا.

ملهي ميدان ۾ آيا
منصور جيان موت ۾ ايندا.

٢- ڪٿا سي قرب جي ڪاتي
ڪپائن جان جند ڇاتي؛
جن کي لنوي ولڙ لاتي
آهي سو گهور ويندا.

٣- اچن تا پيرو اڳي پايون
ڏاڍي ڪنهن ڪست مون ڪاهيون؛
کوهاڻ ٿين ڪنڌڙو ڪپايون
اهي گڏ يار سان هوندا.

٤- پيل جهري ڏسي جاني
کهي ڪر جند قرباني؛
تي ۽ في الله ۾ فاني
پوين توکي پاڻسان نيندا.

ڪافي نمبر (٤٠)

برهه بهاري لائي

دلبر ديد ڏيکاري وهه واهه
برهه بهاري لائي وهه واهه.

١- نظر ساڳ سي نين نهوڙي
مژگان تير ڪپائن ڪوڙي،
وچ ميدان ڪڏائن گهوڙي
حملا ڪري هزارين وهه واهه.

٢- چشمن چور ڪئي دل چوري
سڪ وارا تان سگهڙا سوري،
هئي سو صدقي يار تون گهوري
جان جسو جند ساري وه واهه.

٣- ٻوهه ٻيراڳي هي من ڪيتم
هوش عقل جنهن سارا نيتم،
هٿئون جام حيدر دي پيتم
نشو خود خماري وه واهه.

٤- عشق ٻيل ني اوکو اٽا نگو
عاشق رک نه سر جو سانگو،
لا وارو تون لنگهي پئه لانگهو
مرشد مام سيکاري وه واهه.

ڪافي نمبر (٤١)

شوق جو شعلو

ڪيا هن شوق جي شعلي،
هزارين مرد مستانا.

١- سوزي ڏيئي سرتيا سوها،
سامي سڪ سور ۾ سوها؛
ٻڌي توڪل سندا توها،
لنگهي پيا پار پروانا.

٢- جنين جي رمز دل رهي،
پچي پورا ڪيا تون ديهي؛

ويا پاتار ۾ پيهي
کوڙيائون نيڻهن نيشانا .
٣- صحيح هي سو سڃاتائون ،
تڏون وهي نيڻهن لاتائون ؛
ٻوسٽ ۾ پيو پاتائون ،
کوليائون درد داستانا .
٤- بيدل سو هي گهورائون گهوڙن ،
سائين سڳا سور جا سورن ؛
الف سان روز پيا اورن ،
وسايائون ماڳ ميخانا .

ڪافي نمبر (٤٢)

عشق اولانبو آهي

اَڄ ڪاهي سو لاهي عشق اولانبو آهي .
١- هيٺو ٿي هل هوس ڏي خيال خوديءَ جا ڍاهي.
٢- جوڳي هليا هن جوءِ تي سک جا سندرا ساهي.
٣- منصور کي ڪنهن محبت ماريو پاڻ چڙهيو هو ڦاهي.
٤- سو تيون بيدل کي سور جي ڏور وڌي آهه ڏاهي.

ڪافي نمبر (٤٣)

ساڳيو آن سلطان تون

جي سڃاڻين پاڻ کي ساڳي آن سلطان تون.
عبد جو اولو ڪري آئين ٿي انسان تون.
١- اَول انفي ڪرانءَ پنهنجو پوءِ ڏسين اِسرار تون ؛
دل مدينه قلب ڪعبه منجهه مڪو ملتان تون .

٢- غير وڃائي گم ٿيءُ غازي آهين نسورو نور ٿيون؛
موج مستيءَ جي مچائي ٿيءُ ٻچي پروانو تون.

٣- ڪٿي قاسايه پاڻ کي هن دنيا جي دام ۾؛
ٿِس ٿي منصور جيان ڪر سر نيزي نيشان تون.

٤- سر بيدل ساڳيو سڃاڻج تو ۾ ظهورو ذات جو؛
اندر ٻاهر هوئي ٻولي آن دفتري ديوان تون.

ڪافي نمبر (٤٤)

هردم حاج حضور

سمهڻ نه ٿيو ٿي سور دردن دود دکايو.

١- راتيان ڏينهان روح منهنجي ۾ پل پل پوي ٿو پور
نا چو نينهن نچايو.

٢- محبت تنهنجي مست جو ڪيتو
چاڪن ڪيو آهه چور
گهور نيڻن جي گهايو.

٣- دل اندر ۾ ڪعبو قبلو هردم حج حضور
پرين پاڻ پسايو.

٤- شاهه علي جو شوق بيدل کي محبت ۾ مخمور
جانب جام پلايو.

ڪافي نمبر (٤٥)

برهه پڙهايو باب

کوليو نينهن نقاب عقل سڀ عشق اُڏاريو.

١- رمزن واري رازسان پڳو هوت حجاب.

٢- روز وجي ٽو روح ۾ رڳ رڳ منجهه رباب.
٣- قربان واري ڪات سان ڪهي نه ڪري ٽو ڪباب.
٤- اچي ڪڙڪيم اوچتي بره جو ڀــوري عذاب.
٥- روز ازل کون اصل ٻڌي ڪي
بــوه پڙهايـــو باب.

ڪافي نمبر (٤٦)

محبت واري مام

انهيءَ محبت واريءَ مام
ڪيئي ڪيا درويش ديوانا.

١- جوڳي پنهنجي جان جلائن
پيرا چـــي هن پڙ ۾ پائن؛
ڪسي تين قتـــلام مڙن ڪين اهي مردانا.

٢- عشق قاندي اها چالي ميڙين مال نڪا ٻي مالي؛
جنگ ڏين تـــا جام جوڙين عرش متي آستانا.

٣- ٽوڪي ٻاهه بره جي ٻارن
ورق وحدت جو ڪين وسارن؛
وحدت منجهه ورهام الف سان اودن يار يگانا.

٤- مهڻا ملامت جهيڙا جنيون
سامين پنهنجي سرتي سنيون؛
چائـــي مرد مـــلام ڳلـــل ڳچيءَ ۾ هائن ڳانا.

٥- عشق ٻيدل تي اوکي چاڙهي
سرتي سهڻا ڏک ڏاڙي؛

غازي کٽندا گندو رهيا گام
سوري لي ڪن سو سامانا۔

ڪافي نمبر (۴۷)

دلبر ساڏي ديري

دلبر ساڏي ديري آيا عشق ڪيا آواز آئي.
۱- نوري نيڻ حضوري چاپس زمزن لايا راز آئي.
۲- شمس قمر تان ڪتيان تاري پون ڇپايا تاب آئي
۳- جن ملائڪ حوران پريون ماٿهو تيا مشتاق آئي.
۴- مور پرنگهه پيا سهسين پکي نوڙي پيا ڪن نياز آئي.
۵- رمز لڳي دل راضي ٻازي تاڙيون ڪليا طاق آئي.
۶- صحيح پيدل پڙه ياد هميشه ڪلمه محمد پاڪ آئي.

ڪافي نمبر (۴۸)

سجڻ، آءُ اڱڻ!

آءُ تون اڱڻ عيدان ڪيون
گڏ ٿي گذاريون ڪا گهڙي.
۱- گهوريان ڏکن جا ڏينهن هي
جيءُ کي جدائيءَ جهوريو؛
روندي گذاريم راتڙي
گوڙها پيم ڳل تي ڳڙي.
۲- هڙتا ڪنيون هڪلان ڪريان
دلبر اوهان جي درد ۾؛
سڏڙا سٽي آءُ تون سگهو
توسان منهنجي جيءُ جي جڙي.

۳- ازل کون هئم عشق تنهنجو
ٻيون وايون وسري ويون؛
هردم جسو جولان ۾ وئو ساهه سورن ۾ سڙي.
۴- مڇ هيءَ ٻيدل جي منٿ تون
دلبر پنهنجو ديدار ڏي؛
سر هي سڀئي صدقي کريان
مون وٽ اچو لحضو لڙي.

ڪافي نمبر (۴۹)

دلبر ڏي دلداري!

دل درد تسانڌي ماري دلبر ڏي دلداري.
۱- مٺن زهر ڪٺورا پيسان
تنهنجي عشق لاتيون هن ليڪان؛
منهنجيون عرش ٻڌيون هن چيخان
مٺن ته روئندي زارون زاري.
۲- ونين دل ۾ درد دکائي
وڌو گهور تنهنجي آهه گهائي؛
ڏنو طلب لوهان جيءَ تائي
جلي جان جند ويئي ساري.
۳- تو ته باري برهه ٻيايا آڳي محبت مچ مچايا؛
باري بار برهه دا آيا آتي آتش عشق اُتاري.
۴- محب بيدل کي مل تون
کول گهونگهٽ اچي کل تون؛

يار آڱڻ اسان جي ٽل تون
آءٌ هيڪر هوت هزاري.

کافي نمبر (٥٠)

حاضر ناظر يار

دل دلبر ويو ٿم کسي انهيءَ ديدن واري دام سان.

١- ونهن اقرب رڳ رڳ اندر
روز رانول پيو رَسي؛
اها پڪ آئم پيغام سان.

٢- وحدت ساڻ وڪوڙي دلڙي
هردم پيئو ٿو هسي؛
موهي محبت واريءَ مام سان.

٣- ڪجليون قهري ڪيس ڪرن ٿيون
دانهه دلاور دسي؛
اهي غازي ڪنوائن گام سان.

٤- حاضر ناظر يار بيدل سان
ڳجهيون ڳالهيون ٿو ڏسي؛
سي ڪ ڪين سليندس عام سان.

کافي نمبر (٥١)

رندي راهه

رمز رنديءَ جي راهه سالڪ سمجهن پيو ڪير ڄاڻي؟
١- صدقو يار سڄڻ تون مڏي مال متاع.
٢- دونهان درد دکايا اندر منجهه آڙاهه.

٣- محبت جي ميدان ۾ ايندا ڪاهيون ڪاهه.

٤- دائم رکن ٿا دل ۾ ڏس هر جا هڪ الله.

٥- ڪندو پاڄهه بيدل چوي شافع محمد شاهه.

ڪافي نمبر (٥٢)

موتو قبل وادي مام

موتو قبل وادي مام

جي سمجهن سالڪ سهي سو ڏي.

١- پيالو پرمان پيءُ تون لعل لاهوتي ٿيءُ تون؛

پيءُ ڪنهن لڄ نه لام.

٢- لاهه تون سڀ سانگو ٿيءُ تون نينهن ۾ ناڻگو؛

ڇڏ تون خوديءَ جا خام.

٣- بيڙو آکي ڏس تون

پاڪ پنهنجي مون پس تون؛

آلستي آنجام.

ڪافي نمبر (٥٣)

رهبر رند

اسان رهبر رند سڏايون ٿا

سڀ جو سانگو لاهيون ٿا.

١- ڳجهڙي ڳجهڙي رمز دلائي

او بت نينهن وڄايون ٿا.

٢- جهيڙا جنيون اوڪ جا طعنا

ڇمي سڀ لي چايون ٿا.

٣- مؤاوه واري مام ۾ ٻورڙي
سوري سر نوايون ٿا .
٤- عشق بيدل کي روز ازل کون
گيت انا الحق ڳايون ٿا .

ڪافي نمبر (٥٤)

جانب جو جادو

ويو ڪاريگر ڪڙي ڪڙي
دل ڏيڻ جي دام ۾ .
١- راتيان ڏينهان روح منهنجي ۾
موج منصوري چڙهي چڙهي .
٢- فوج حسن دي ظالم جنگي
تو ڙتون لکي هئي اٿين تقدير.

٤- هن نه منهنجي ڪي ياد ڪيائون
سل سڄي ڪرچا چا چيائون؛
يول بڌانءِ من ٿئي سا ه سڌ ير.

٥- آهي بيدل کي سڪ سدائي
اصل اوهان جي وحدت وائي؛
ماڙ ڪجانءِ اچي محمد مير.

ڪافي نمبر (١٧٨)

شافي محمد شاهه


عاشق اچن سو سڻيون
تن من پر لڳي تار جن کي.

١- من پنهنجي جو مدني مارن
جوان ڏئي جنگ جهڻيون ؛
منجهه ميدان تا مرڪن مانجهي
بره جي بازي کٽيون.

٢- روئڻ ريت آهه راحت جن جي
قرب هادي جي ڪٺيون ؛
لوڪ ساري جا جهيڙا جهليون
سور وارن سر سٺيون.

٣- دل جون تاران دوست پنهنجي ڏي
هرگز ڪين هٽيون ؛
منجهي نشي مخمور ٿڙن ٿيون
پين وحدت واريون وٽيون.

٤- رهبر مرشد راهه پيل کي
گهير لنگهايون گهٽيون ؛
شافي آهه محمد شاهه اسانجو
ونڊو وڳو سڀ وٽيون.



ڏوھيڙا جوڳين بابت

۱. جي پائين جوڳي ٿيان آءُ چلي ۾ چوگان
ساهي ٻنڌج سر کي سوڻن جا سامان
مري پڻ ته مطلب ٿيهي ائين فرمايو * فرقان
بي ٻولي ٻولج ڪا نه بنا اسم الله جي.

۲. جي پائين جوڳي ٿيان ته رک من ۾ منائي
ماري من مٺي ڪري وڃ خوديءَ کي ڪائي
پوءِ سڄڻ سدائين آءُ دلبر تنهنجي دل ۾.

۳. جي پائين جوڳي ٿيان ته لنؤ سڀا جهڙي لات
پنهنجو پاڻ پري ڪري ظاهر ڪر تون ذات
ڏينهان ۽ رات ويهي اور تون الف سان.

۴. جي پائين جوڳي ٿيان ته دل جي کول دري
دوئي جي ديوار کي طالب ھڻ آري
ملامت جي مٿي لئي ڇڪي ٻنڌ پيري
پڻ تون مرد موري محبت جي ميدان ۾.

۵. جي پائين جوڳي ٿيان ته ڪر ڏڙ سڀيئي ڪون ڏار
راتيان ڏينهان رب کي ڪر ٻاچل جي پوڪار

---

* قرآن شريف

هو جو حرف هٿ ڪري ڪو لوڻه لوڻه ۾ اغار
الستي اقرار وچي ٻاڙج ٻڌڻه سان.

٦. جي ٻانهن جوڳي ٿيان ته دوڙي ونڃ ڊڳ
هو جو رازق رب رحيم آهه تار تنهين جي اڳ
عربي احمد ڄام جو سهي سڏ انهج سڳ
ٻڌيه تنهين جي لڳ جو اڳهاڙن انعام ڏي.

٧. سور مڙيئي سور ٻـر سور نـه ساڳ جهڙا
مونکي تنهن محبوب جا ٻل ٻل ٻيون ٻور
گهائي وڌو گهور ٻاروچل جي ٻي و چوري.

٨. جي ٻانهن جوڳي ٿيان ته بار ملامت ڪڻ
ڪپائي خودي جو ويڙي ڇڏ جاه وڻ
ٻيهي وچي ٻاتاو ۾ جا ٻو نانهين جڻ
ٻوه ذاتگا نعرو هڻ ظاهر ذات صفات ۾.

٩. جي ٻانهن جوڳي ٿيان ته وهه محبت ٻائي من
* فاذکروني اذکرکم ائين اٿو عجيبن
وٺيون وحدت جون ٻري توکي ڏوڙا ڏاڍ ڏڻن
ڏهاڙي ڏسڻ جون ٻيون اکيون عيدان ڪن
ٻي ٻولي ڏيئي ٻن وٺهي اور الف سان.

١٠. جي ٻانهن جوڳي ٿيان ته سامي سک صبر
ڪيڙي ڇڏ قلوب مان ڪينو ۽ ڪبر

---

* اون ياد ڪر مان ٻکي مان ياد ڪريان توکي.

محبت جي ميدان ۾ گھوڙو ڪري تون گھر
جڏي صدقو ڪرين سو اڳڏي پيش پئي ڪي.

١١. جي پائين جوڳي ٿيان ته صفا ڪر سينو
درس ڪيئي ڇڏ دل مون ڪبر ۽ ڪينو
دائم وسي ٿو دل ۾ رانجھن رنگينو
مون مٿون مدينو مون کي پڻ معلوم ٿي.

١٢. جي پائين جوڳي ٿيان ته سڪي ٿي ۽ تون سوڪ
انين پڇائنج پاڻ کي جيئن ڪر ۾ پڇي ڪوڪ
من اندر محبت جو طالب رکج طوق
توڙي چڙهو چوپٽي لوڪ ته به مڃج ته منصور جان

١٣. جي پائين جوڳي ٿيان ته صحي پاڻ سدار
آڏيرن آب اکين مون جو جھجھو تون هار
ڪن اکيون قابو ڪري ڪاڌهن ڪين لهار
ڪي پڇ ڪنهن سان ڪينڪي گولو ٿي گذار
ته دوساٽي دربار داد لهين تون دل ٿي.

١٤. جي پائين جوڳي ٿيان ته ڪي قلبون ڪاٽ
روح ته پنهنجو رب سان وحدت ۾ تون واٽ
جاڏي راه رسول جي طالب تاڏي تاٽ
اندر ڪي اجرو ڪري من ۾ موجان ماٽ
رک تن سان روح رهاٽ جيڪي واقف الهيءَ وات جا.

١٥. جي پائين جوڳي ٿيان ته ٻڙه ٻره سنڌ وٽي باب
وڄائيج وحدت سين اندر روح رباب


لاهي سانگا ساهه جا ڪسي تيءَ ڪباب
اٿي عين ثواب سو ڏي الهيءَ سوز ۾.

١٦. جي پائين جوڳي ٿيان ته سک ولدن واري ريت
جنهن سان هيئين پرکي اها لاميان سکج نيت
پيالو هيءَ پوت جو هڪي ڪر پريت
ڪري من مسيت پڙهه نمازان نينهن جون.

١٧. جي پائين جوڳي ٿيان ته اڏيءَ تي تون آءُ
سوريءَ سو سڌ ڪري جهل گهور ٻولان جو گهاءُ
خوديءَ کي تون ڪاءُ ته ملئي ٻاروچو ٻيل چوي.

١٨. جي پائين جوڳي ٿيان ته روح نه پي در رول
وٺ اقرب وڇوڙو ڪوهيارو تي ڪول
ماري من مٽي ڪري ڳجهو وڃي ڳول
دل جون ديدان ڪول ته اچئي بوءِ بهار جي.

١٩. جي پائين جوڳي ٿيان ته موي هاڪ ملهاءِ
سي ڏڙڪان ڏار ڪري ڪوها ڪنڌ ڪپاءِ
ٻاري باهه ٻوهه جي دل ۾ دود دکاءِ
تن ۾ تاران لاءِ ذڪر ذاتي ذوق جون.



سيءَ جا ٻيت

١. سنجهاندي سوڙن جي ڀوڳيائي پوشاڪ
جان ساماڻي سيءَ ڇڪي ٻڌڙس ڇاڪ
پوه ڦٽي بيتاب ڪئي، ڪيس ٿيو ڦٽ فراق
دل ڦاٽڙيون داڻهون ڪري پيا اُڀ ڏرن آفلاڪ
پرور ڏاڍي پاڪ هنڪي ميل پاڙو ڇل ٻيو ڇوي.

٢. صبح جاڳي سيءَ هو سنجهي ويا سرڪي
لڳس پالاڻ پوچ جو ونئي جهوريءَ ۾ جهوڪي
سا ڀڳي پٽيءَ تي، ڪري ڀول ٻنا ڀرڪي
سوڙن جي سرڪي پيتائين پنڌڻ ۾ ٻيو ڇوي.

ستن ڏينهن جو بيان

١. چندي چنڇر ڏينهن ڪي وينگس ڇوڙيا وار
سڏي ۽ سڏڪا پري پر لڳا ڪيدي پار
پٽي روني پنڌ ۾ پوري لڳا پتار
سونهارا سردار هنڪي ڪاهي ڪيچ رسائين.

٢. اُتي آچر ڏينهن کي تي منجهان خيال ڪڙي
هوت نه ڏنائين هنڌ تي هيس جنهنسان جيءَ جڙي
قل هو الله ڪهي ڪري هن ساري ست پڙهي
اوري ڪين اڙي، وني کهندي ڪيچ ڏاڍيءَ ڏي.

٣. سنيوي سومر ڏينهن کي ڪياءِ گهور گهٽي
ٻيٺي ڪين پنيور ۾ هلي هيڪل هڪ ڇٽي
هن کي ڦٽ فراق جي ڪيو حيران هٽي
رضا منيائين رب جي جيڪا واحد ڪئي ڏ وٽي
ميلين شال ڏٽي هن کي پاروچل ٻيو چوي.

٤. سڪ ڏنا هيس ساه ۾ اڱاري اڌ مات
جا رئون جاڳي جل ڪري هلي ورلڙ وٺي وات
هڪڙو جهولو جهنگ ۾ ٻي اڄ آئي اوسات
پنوڙي پيون سان ڪياءِ جبل هڪڙي جهات
لس لنگهي پٺي لات ڏولاوا ڏونگر جا.

٥. اٺين اربع ڏينهن کي ڪيائين سڄيءَ دل سان سوال
جا ٿئي ڏيءَ جهان ۾ مونکي جنهن آهه ته جنجال
ڏيندس پاڻ پنيور کي وڃندس مڏيون ساڙي مال
معلوم توکي مصطفيٰ هن هيٺيءَ سنڌو حال
ڪر پلاءِ ن پال مدايون ميٺي ڏٺي.

٦. ٿي ڪڙي ڏينهن خميس جي، ٿيس البت روح اداس
ڏيءَ قربن ڪانءُ هڄي توڙي پلنگين لاٿي پاس
ڏاڍيءَ سنڌو دل ۾ ڪونه ڪياٿون قياس
هاڻ ڪاهيندس ڪيچ ڏي توڙي مرون ڪانن ماس
سنڌو لوڪ لباس وٺي ڪين وجود کي.

٧. ڏيٺي جنبو جمع ڏينهن کي نروٺون هلي لار
ساوڻهي وڌ ۾ ڪينڪي اچيس ڪين قرار
ساڻ صفائيءَ ساهه جي هن ڪئي ٻئو ٿيو بازار
لڳس پاڻ پروچ جو پيس جيءُ جس ۾ جار
ڪامڻ نه ته ڪنوار ٿي رواني روهه ڏي.

سائين بيدل جي چهبل

لولي (سر لوڙائو)

١. اول نام الله جو آهي ڪل ڪون قرارو
خاصو دوست خدا جو آهي مرسل موچارو
چئن يارن جو چت ۾ موکي لنو لنو ۾ لاڙو
حسن مير حسين تان مان سو گهوريان سارو
لهي مونجهارو دان ڏيئين دستگير تون
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!
سيد آءُ سگهو، ڇڏ ماڻو مسڪين سان
مرسل مل سگهو.

٢. پيش لڳي هان ٻوجي سينو لٿي ساهيان
قالو بلي جي قول جو ڳڻ وينئي ڳايان
اصل کان آهيان بيدل ٻاروچل سان
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

٣. جادو هنيون جان ۾ جانب تو جوڙي
ورتو آهي واسينگن جان تنهنجي وره وڪوڙي
لينهن تو لوڙي ۾ محبت ماري آهيان
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

۴. موت ۽ ملڻ پاڻ خوش ڪيون ۽ خيال
تو سان نا تو نينهن جو لڳ لڳي ٿيس لعل
ساءِ لڳ سوال اگهي در الله جي
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

۵. تا ڪون سڪ سڄڻ ۾ جا ڪون جاءِ جم
سو پيا تنهنجي سڪ ۾ ڪار ۽ وٺي ڪم
دبر ۽ گهڙ جي دم مل ۽ ماندائي لهي
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

۶. تنهنجي سڪ سڄڻ ۾ ڪوڙيا اغارا نيشان
هٿ ڪٺي هڪلان ڪريان مان ۽ زاري ساڻ زبان
الله لڳ امان سيد ڪٺو سات سان
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

۷. نينهن تنهنجي ناچڙ جان شوق ٻڌي ٿم چيو
وڃي ٿي روز وجود ۾ برہ تنهنجي جي پيرو
دلبر وڃهه ۽ دبر متان مان مري وڃان
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

۸. انٺي پهو عجيب جو اٿم اوسارو
سڄو صدقو ڪريان مان سيد تون سارو
ايڙو آهه تارو عربي اوت امت جو
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

۹. دردوندي جي دل کي پار دلاسو ڏيندو
حب مداين جو يڪ اچي پي ڪيندو

نال وني نيندو آهي ننگ نڀيءَ تي
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

١٠. دل تہ توکي دلبرا منهنجو ساهه گهڻو ساري
نا ڪس لماڻيءَ کي وڃہ نہ وساري
من وڏءِ ماري مُنڊ هٽي محبت جو
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

١١. ڪنهن کي سليمان سور جون ڳجهون هي ڳالهيون
روئان ٿي رت ڳاڙهون سائين توکي سنڀاليون
ڳنڍ پوين جاليون جهت نہ جدائي ٿي
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

١٢. سڄڻ ڳنڍ نين ساموهون عين اکيون ڇائي
ديدان ديدن سان ڳنڍيون تنهنجي گهور وڌو گهائي
وڌءِ ڦاسائي دل تہ منهنجي دام ۾
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

١٣. جيڏيون اُتم جيءَ ۾ گهور پرين جو گهاءُ
سو ڀل سڪائيءَ جو سگهو لهج سماءُ
تو لئہ سڪي ساهه ڏيم دلاسو دل کي
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

١٤. جيڏيون جالب يار جي اُتم جيءَ اندر جهوري
ڏيئي ويو ڏاج ڏکن جو مونکي ڏکہ ٻڌي ڏوري
لنو لنو ۾ لوري تنهنجي اُتم توڙ ڪون
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

١٥. جيڏيون جانب يار وري ڪم نه وٽي ڪار
سوڪ ڏيئي سوڻن جي جيءَ وجهي ويو جار
ڳڻ تي ڏينهن گذار ڪري تون بار ڪهيل جا
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

١٦. جيڏيون جانب يار آهه منهنجي جيءَ جو جيا ڀو
ڪونهي ڪوهيارل سان منهنجو سڱ نه سيا ڀو
تو سان ميلا ڀو خاوند ڪندو خير سان
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

١٧. ڇڪي روز چڙهيءَ جان تن ۾ تنهنجي تار
سويا تنهنجي سڪ ۾ ليٽين وهاڻ لار
دلبر ٿيءُ نه ڏار ڳل لڳي ڳالهيون ڪريون
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

١٨. روز گهٽي اٿم روح ۾ طلب توهانجي تات
ڏينهن نه ساڙو ڏک ۾ سڪان ساري رات
پره ڦٽي پيا ت اڄ نه اميدان پڄن
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

١٩. روز گهٽي اٿم روح ۾ تنهنجي وحدت سان واڻي
مونسان هيج منهنجا ٻولن سهڻا سدائي
ٻن پئي جدائي وو نه وڇوڙو لهي
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

٢٠. ميٺان سي محبت جون اندر جيءَ جڙيون
ڪڏهن اکين ڪينڪي جيڪي ڪاريگر ڪڙيون

من ۾ روز مڙهيون جيڪي هٿ سان هوت هڻي ويو
تون اچ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

٢١. جالب جاڳائي ونئين پاڻي جيءَ اندر جهاتي
ماروئڙ آئين مٺيءَ کي ڪٽي ڪهڙ جي ڪاتي
دل توسان قاتي ڪسڻ مان نہ قبول ڪيو
تون اچ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

٢٢. اڄ تون نانءُ الله جي سوڀل ڪين سڪاءِ
دل ۾ درد فراق جا من ۾ مچ متاءِ
بره تنهنجي جي باهہ جيءَ اندر جهڙڪائي
تون اچ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

٢٣. اڄ تون آسر ولديءَ ڏي ٻي نٿي پيو پيري
دل ۾ دام وجهي ونئين ملڪ رئيءَ موهي
گهوريان گهور ڪري سو توتون صدقي ڪريان
تون اچ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!


٢٤. آئين آهي سڪ سريرن ۾ جنهن ٻرسي ساوڻ مينهن
وجهي ونئين پيچ پريت جا تنهنجي ناز نهوڙيس نينهن
ڏکن سندا ڏينهن گڏ ٿي يار گذاريون
تون اچ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

٢٥. سوڍا تنهنجي سڪ ۾ لنگهيا مهينا ماهہ
ڪنهن کي سڻايان سور جي دلبر توريءَ داهن
پانهنجي سندي پانهن پيرو وٺيون وچ پاڻسان
تون اچ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

٣٦. گوليءَ گنهگار کي سچا لنگھائيج سير
ڪاهي ٿو ڏينهن قبر جي واهر ڪجانءِ وير
علي سرور پير ماڻ ڪجانءِ مسڪين جي
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

٢٧. محب مٺا مانديءَ جي اچي ڪجانءِ شفاعت شاهه
ليئهن تنهنجي ابتر ڪيو مان روز تڪيان ٿي راهه
ٻي ٿو ڪانهي واهه، هيءَ ڪنل ڪاڏي وڃي؟
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

٢٨. اصل آهه ٻيل کي لنو تنهنجو لاڙو
سام ۾ پوتو سيدا، سگ هي ويچارو
پير گهو جو پيارو، ڪامل ڏينهن قيام جي
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!
سيد آءُ سگهوءَ، چئي ماڻو مسڪين سان
موسل مل سگهو، شل راضي رب ٿيندو!



سسئيءَ جي ڏاکڙي جا
ٽيهه ڏينهن

١. هن ڪون رات رهي ويهــا ڪري ڏيرو ڏهر
سا پهرئين ڏينهن اٿي پنڌ پئي پڌي سڪ سهو
ويلا روئي رت جا ڪياءِ پاڻــي سڀ پٽو
ڪڏندي وڃي ڪيچ ڏي لايون ڏم ڏچو
وينگس پنهنجو ور، آءُ ووڙينديس وڻڪا ڏهر.

٢. ٻي ڏينهن ٻاروچل ڏي گهمندي ڪياءِ گهور
ڏکيو ٻ ڏيرُ ڪري ويس ماري تنهن مذڪور
ڪياءِ عشق ٻورائو اڳ ۾ سـاط ڪنياءِ سور
سڪ ته سائول يار جي ڪيس اندر ۾ انگور
تيءُ راضي رب غفور موڪي پنهون ميلاپ پنڌ ۾.

٣. ٽين ڏينهن روئي رت جا ٽي نيڻين وهائــي نار
سا ٻيبي وتــي ٻر ۾ ســڏ ڪيون سڏڪار
ڳاڙهو رانو روهه ۾ تو وسيون ڪري وسڪار
چونـــو چوُڙيليءَ جو لــڙ ۾ لڙيس وار
دوست پرين دلدار هن ٿي ڪرڪا ٻاجهه ٻڍي وڃي

٤. چڙهي چوٿين ڏينهن کي ڏسي ڏونگر جا ڏاڪا
پنـــڌ اڻـــاوا پٽيون جبل ڪـــي جهاڪا
هو ته آڏيءَ رات اُٿـــي ويا پار پڌي ٻاڪا

جنهن سان لعل لهي ونان سو ٽيون سڌ ڏيو ساڪا
ڪوڪ منهنجي ڪاڪا، من ٻارو چل ٻڌي اچي.

۵. اچي رسيس روح ۾ موٽي پنجين ڏينهن ڪوهه
تنهن تان پٽي وار پٽي ڪيا ڪول، چڙيا ۽ ڳهه،
عشق ته آري جام جي جيڪا ڪٽي هٿي محبت محو
جيڪي لکيو لوح قلم ۾ سو ساه برابر سه
روح رضا ۾ رهه ته مليئي ٻارو چل ٻيو چوي.

۶. ڇهين ڏينهن ڇٽي پيس موٽي ڳوڙها مٿي ڳل
سا هلي هوت بلوچ ڏي پلي نه ڪنهن جي پل
عشق ته آري جام جي ڪيس ريه سيراهي سل
اچي جاڳيس جيءَ ۾ جوراڙا ۽ جل
هڪڙي ساٽ هڪل پٽي ٻهڻ کي پورا ڪري.

۷. جادو لڳس جان ۾ ثابت ستين ڏينهن
سوڻن شاخان ڪيئون نسري پينس لينهن
اچي تان ألتيس آب اکين مان، جيئن پرسي ساوڻ مينهن
هن تي شوق چڙهي ٿيو شينهن باري پره بلوچ جو.

۸. اٺين ڏينهن آهون ڪيون ٿي سڀ نهاري سيو
پڻ ڪيون پڇندي وتي گهر گهٽيون گهٽ گهير
جانئي ڪاٽ جبل ۾ پٽون ڪندس پير
ڏمر ڪري ويا ڏيو وني ڳل غريب جو.

۹. ناوين ڏينهن لينگو جو اچي جهوري پڃر جيءَ
عشق اڏايو اگو الا ڏيون رکي نه ڪنهن جو ريءَ.

هت نہ اکا سھيلي ساٿ ھيم انکو ماءُ نہ پيءُ
پرورش کندم پنڌ ۾ قادر رب قويءُ
ساھ صبر ۾ تنيءُ نہ ملئي پاروچل پيل چري.

١٠. ڏھين ڏينھن ڏکن جا ورق کلي پيس ڦاھ
سا پڙھي پروڙي ھاڻ ٿيم، اندر منجھ اراھ
رمندي وڃي روح مون کيون کسڻون ڪاھ
گھوڙيان گھر پنھل تون ھي منڌيون مال متاع
حاضر حضرت شاھ ھن تي گھڙڪا پاڇھ پيو چوي.

١١. يارھين ڏينھن يقين سان کيو ويچاريءُ وارو
اچي ھوتي پنڌ ۾ نار ھٽي نعرو
جاني سنگتي نہ ھيس سڄ ۾ آئي ڏانس ڏکن ڏيکارو
سون لانس ساھ ۾ اچي ڏہ ڏہ ڌڪارو
ھيءُ سر سڄو سارو آءٌ ٻہ رئيون کندس روھ ۾

١٢. ٻارھين ڏينھن پروچ جو اچي پيھر لڳس پاڻ
انکو پاڻي پنڌ ۾ انکو سمر کنياءِ ساڻ
وري ور وسانيندو ھن پوريءُ سندو پاڻ
جيئن ٻجلي باران ۾ ائين پريس محبت ماڻ
اڳہ نہ چاتم چاڻ نہ کو پولدس ڦت فراق جو.

١٣. تيرھين ڏينھن تکڙي ھلي رضا مڃي رحمان
اچي رسج روھ ۾ تون سوالي ڪاج سبحان
سا پڙھي حمد حبيب لئہ زاري ساڻ زبان
توھو توکل جو ٻنڌي ووڙي لھندي سان
دل مقابل دان تو ھادي ھر کنھن کي ڏي.

۱۴. چوڏهين ڏينهن ٽان چاڪ چڪي پيس
هلي روج پئي راڙو
ڏيو ڏکيءَ کي ڏکن ڏنئي
ڪيائون ڌوپڻ سان ڌاڙو
عقل مت کسي ويس
انهين ڪيس عشق اگهاڙو
سور پٽيندي سڄ ۾
سوٽيون ٽن سڪي ويس ٽاڙو
جانيءَ کون دم جدا جاڻ
آهي ڏکيو ڏهاڙو
پنهل کون پاڙو
شل جڳري جدا نه ٿئي.

۱۵. پندرهين ڏينهن
ٻولڻ جا روئي نهاري رند
خان پنهل جي ڳڻتيءَ ڳاري
سڪ ورتا هيس سند
جهوريءَ جي جهنو ڪيس جهوري
بره ورتا هيس بند
ٻاڻ هنيون ٽي پٽ ٽي
سا روئي هٿي ڏسيون هند
پنهل خاطر پند
مان ڪندس ڪشالا ڪيچ ڏي.

١٦. سورهين ڏينهن سج جا
سرتيون چڪي پيڙس چاڪ
سا چڙي پيڪا پنهنجا
هلي هيڪل هٽي هاڪ

پنهل جي پيزار جي
آءُ ڪٽي چمندس خاڪ

جهڪي ساڄ جبل کي
ڪندس نازيون تڪا طاق

پرور ڏٺي پاڪ
هن کي ميلين باروچل بيو چوي .

١٧. سترهين ڏينهن سج جو
سرتيون باري آهس باه
رڄ ڪاري تنهن روح ۾
ٿي روئي زارنون زار
هوءِ آڏي رات اٿي ويا
هن جاڳي ڪيو نه جاه
ڪرها ڪاهي ڪيچ ڏي
تيا تنهين وهل نياه
منهنجا سنڌ سٽي سردار
شل ڪندو ياجهه بيو چوي .

١٨. ارڙهين ڏينهن اڀج سان
ڪياه سورن ساڄ صلاح

دل ۾ ڳٺي ڳالهڙي
چلي منجهارون چاه
ٿ اجهو ٿي اٿن کي پڇان
دمي ورتاءِ واه
ور خاطر وڪار ۾
وجهندس ڏيهن ۾ ڪاڏاه.
هن ويچاري جي واه
اچي ڪندو محمد ڪارڙي.
١٩ اڻويهين ڏينهن عشق ڪيا
هيس اچي نازنوان
جيئن جهڙي وڻ واڪو ڪري
تيئن ٿيس آئي سور سنوان
پنهل جو پرديس ۾
مان ڪنهن کي حال چوان
هينئڙي ٻولي حق جي
مان اِي نه لات لنوان
شال قبول پوان
وڃي ديري دوست جي.
٢٠ ويهين ڏينهن وڌهي ولس
تن ۾ سڪ تمام
سور وڇايس سوٽيون
اکين جو آرام

ڪَنديءَ وڃي ڪيچ ڏي هل ڪيون ها گام
اچي پيو اُٺ جاڳ ڪي ديدن سندو دام
ازل کون آجام آهه منهنجو ٻول ٻروچ سان

٢١. ايڪويهين ڏينهن عشق اماروڪري ويس چوٽيءَ ٻر چڙهي
وٺي هي واسينگن جان ڪٿي هٿيءَ خيال ڪڙي
پڏي ڀاروچو ويس اندر جيءَ جڙي
پيس نازڪ ڏاڍو نيڻهن جو قابو منڊ ڪڙي
جنهن جي دل آڙي سا ڪندي ڪشالا ڪيچ ڏي.

٢٢ ٻاويهين ڏينهن ٻروچ جي من ۾ لڳس ميخ
ساڙي ساهه مٿيءَ جو سور ڏنا هيس سيڪ
عشق نه آريءَ جام جي ڏنس روح اندر ۾ ريک
تنهنکي ڪاف جهليندا ڪينڪي آهه جنهنجي اڻ ليک
جيڪي لکيو منجهه ليک سا هر ڪا پاڙي پانهنجو.

٢٣. ٽيويهين ڏينهن کي اچي درد سندا ڏونهان
اچي سنگتي سيج ۾ سور ٽيس سوڻهان
جنهن جا عضوا عشق اليڙيا ٽيس قتن جون ڦوهان
لنو لنو ۾ لوهان موڪي هن اڏيون آريءَ جام جون.

٢٤. چمڪي چوويهين ڏينهن کي ڪيو شمع شعاع
ڏکي سب ڏولگو ولو پيو هڪين ۾ ٻولاءِ
داڻهون پڏي ڍهليون وڃي ٽو جبل جلدي ڪاءِ
عشق جي اليل جو جنهن کي آيم گهاءِ
ڪل نه پي کي ڪاءِ جي لڳو تن لڪيو.

٢٥. پر ٿيس پنجويهين ڏينهن کي اچي پريان جو پور
محبت وڌي هُئي معاملا ٿي هُئي چوٽيءَ تہ چور
وچ پريان جي پار ڏي مونکي آهي ذوق ضرور
دل ڦاسائي دام ۾ جهڙي ڪبو ڪوهياري تہ ڪلور
هاڻي محب ڪندو منظور تہ ڇي دانهون دردونديءَ جون.

٢٦. ڇويهين ڏينهن ڇپر ۾ ڪري پئي ڪامڻ ڪوڪارا
وڏي رمز رتيون ڪري پئي نار هڻي نعرا
پنهل پيچ وجهي ويس اَڏي اندر اوتارا
رمندي وڃي رات ڪئي هيءَ تڪيندي تارا
سڄڻ سويارا مونکي ڏي ڀوليا پانديڪي جو.

٢٧. سوکي ستاويهين ڏينهن کي هنکي جاڳيا سور سير
راضي ٿيندو روح ۾ ايندو سوال سٺي سرور
ٻڌي عرض ٻيو چوي ايندو دم تنهين دلبر
جڏهين وارو ڏيندو ور تڏهين آءٌ ٻ سهندس سوٽين وچ ۾.

٢٨. اٺاويهين ڏينهن اندر مون آيس درد سنديون دانهون
پنهل جا پرديس ۾ ٿي رند ڏسي راهون
پئي دعا گهري درگاه مون هٿ ٻڌي ٻانهون
هن اجهل جون آهون من ٻڌي ٻار وڇو ٻاجهہ ڪري.

٢٩. اڻٽيهين ڏينهن عورت اُسري ڪري الهوڙ توهار
ڪر ڪياءِ ڪيچ ڏي موڙي منڌ مهار
سومرو انهيءَ ماڳ تي هليس هاڙهي منجهہ هزار
جا تي بگهڙا ٻا اندر ٻولا ٻچڙا بيحد بيشمار
روجهہ ممان تنهن روهه ۾ پيا اتي ڪن الڳار
سره بلائون سڄ ۾ اچن ڪڏ ڪيون ڪڏڪار

قرن چراغ چريا تيا ڪارڻ قوت قرار
جا تي ڇيڻا ڪيهر ڪيترا ڪن گروڙيون گجڪار
گولڙو جاني گورخر ويس وڙهي ۽ ولهار
وڇون نانگ لڙن اُتي ٻيو پيو ڀڄهي ٻلڪار
جڏهين سولي ڪيس سردار تڏهن سيڻي لڪلنگهي ويئي.

٣٠ تلهي تيهين ڏينهن کي هلي ڪام ڪهي
وحده لاشريڪ له ڪياءِ سوجهي سٽ سهي
هيس سچائي ساهه ۾ سارڻ تي ڪين رهي
آئي لعل لهي برڪت ڪلمي پاڪ جي.

سسئيءَ کي سرتين جي سمجهاڻي

١. سرتين سسئيءَ کي چيو حال ويهي هڪ جاءِ
هوتي روانا رات کي لڏي لوهه وياءِ
تون جا رتون جاڳين ته ڪينڪي صبح سڌ ڪياءِ
هاڻي ساهه ڪڍي سمجهاءِ چو مٿي پئي آهين معاملي.

٢ سرتين سسئيءَ کي چيو ٻيهر ٻولائي
هوتيئه روانا رات کي لاڳاپا لاهي
پوءِ ڪڍ انهين ڪاهي ڪامڻ پونديئي ڪيترو.

سسئيءَ جو جواب

١. ڇي پنڌ پرهان جي پارڏي، کي قرب وارين کن
راتيان ڏينهان رمز سان سک تي ڪين سمهن
ورجي وساريئن آهه حيف تنهين جي حال کي.

٢. ڪانه ڇڪي تو چاه مون ڪا سڪ سنڌي سورن
پيئڙو لالن پدر پئو ڪامو ۾ ڪورن
انين جرڪو جيءَ ۾ جنهين تئو آهي تنورن
ڪا محبت ڪانهي مون تيلاهون تيون طعنا هڻو.

عشق جا ٻيت

١. عشق جنهين سر آيو ڏوڙاتن ڏاجا
لنو لنو منجهه لبڪ جي لنو لڳن ڪاجا
سامهي سپاجها وتن ڪيف ڪکوريا.

٢. عشق جنهين سر آيو دل مدلنو تن
ذڪر ذاتي ذوق جو تا من ۾ ماتم ڪن
ڪعبه ڪين وڃن، آه جسو جامع. جن جو.

٣. عشق جنهين سر آيو چاڪ تنهين جاتو
ٻاروچل سان ٻيل چوي تا نباهن ناتو
اتن اوراتو راتيان ڏينهان روح ۾.

٤. عشق جنهين سو آيو سهينيائون سور
ٻڙهي تن ٻوڙيو هي محبت جو مذڪور
تن کي ذوق ضرور سوريءَ سنڌ ڏيڻو پيو.

٥. عشق جنهين سو آيو سي نا سک سمهن
الستي آواز جي ڪوڪ وکيائون ڪن
جودنئون جو گهيڙن سفو سجاڻو ڪيو.

٦. عشق جنهين سو آيو ٿوڙهيا سي ليڪهن
محبت ٻوٽين من ۾ جيٿن سندا ساوڪ ميڪهن
دويون واتيان ڏينهان ڪن اوسار عجيب لڪه.

٧. عشق جنهين سر آئيو سي نانگا نت نئون
صبر تن سبيل ڪيو ڪنهن کي ڪين چون
اها لات لنئون جيڪا ٻولي ٻاروچل جي.

٨. عشق جنهين سر آئيو سي جهليا ڪين وهن
هيري لعل جواهر جوتا سوجهي سر لهن
ٻولي ٻي نه ڪن سواءِ ٻاروچل جي.

٩. عشق جنهين سر آئيو جهولي جهليائون
سر ڏيئون گهرميون ساهه تي سيٽيون ستائون
تنهن ٽڙ ٽانگهيائون جنهن ٽڙ عالم آسرو.

١٠. عشق جنهين سر آئيو سختيون سٺائون
سڀ جفائون جيءَ تي ڏکم ڏٺائون
طمع ترڪ ڪيائون راهه ورتائون رب ڏي.

١١. عشق جنهين سر آئيو سي ڪنا ڪين ڪڇن
سوريءَ سندي سڏ ڪان غازي ڪين گسن
اهي ٻر ٻچن سر جنهين جا ست ٻه.

١٢. عشق جنهين سر آئيو سي ڪيئن سور سلن
آڳ سندي آڙاهه ۾ پيا جوڳي جنگ جلن
پورو ڪين ٻچن ڏين لاهي لهم لڳن تون.

١٣. عشق جنهين سر آيو وڏا طالع تن
گوشي ويهي گودڙيا گوجي گويا ڪن
عادت آديسن سويارن سڦري ڪئي.

١٤. عشق جنهين سر آيو مٺا تن مرڪ
ڪين ڪنهن سان ڪينڪي هن ڳالهه منجهه غرق
وحدت جو ورق پڙهي تن ٻوڙيو.

١٥. عشق جنهين سر آيو تن جو مٿانئين نه مرڪ
نڪي گهوڙا لشڪر ٻاٽ سان ڪٽن ڪونه خرچ
غازي هن غرق وحدت جي واديءَ ۾.

١٦. عشق جنهين سر آيو سي ننگا ٿيا نهال
ڪري ترڪ توڪو پنهنجو مڏيون گهورن مال
هيٺو ڪري حال وڃي پهتا پر ڪي.

١٧. عشق جنهين سر آيو سي ننگا ٿيا نروار
گر ڏي هليا گوڏڙيا ٿهڊل ٿي تڪرار
الستي اقرار وڃي پاڙيائون پر سان.

١٨. عشق جنهين سر آيو سي نه طلبن سڪ
ٻاروچل جي ٻيل چوي لڳن لنو لنو الله رک
ڏولاوا ۽ ڏک سائين ڪنيا سر تي.

١٩. عشق جنهين سر آيو سي درد ڪيا دلگير
ڪانئن ڪين خوشيءَ جو هن فاقي منجهه فقير
تن کي محمد مير اچي هادي ڏنا هٿڙا.

٢٠. عشق جنهين سر آيو سي سامي سياڳا
مورڙي تن موه ڪيا دنيءَ جا تياڳا
لوڪ سندا لاڳا لاهوتن لاهي ڇڏيا.

٢١. عشق جنهين سر آيو سي ٻوڙيندا سير

جائي ڪاٺ جبل ۾ پٿون ڪيائين ڀير
من مون ڪڍي مير وڃي هيڪڙائي هڪ ٿيا.

٢٢. عشق جنهين سر آئيو سي ڪوري ڏين ڪنڌ
هليا هيٺئين سين هوت ڏي ويا پوڙي پنڌ
تهدل ڪٿي تند آئاٺ تن اُجاريو.

٢٣. عشق جني سر آئيو تن جي ڳالهه ڪيان ڪيهي
وحدت منجهه وڪوڙجي تن دور ڪئي دليهي
پاڻ منجهه پيهي وڃي گڏي ذات سان.

٢٤. عشق جني سر آئيو سي چاڻ ويا چاڻي
مولا جي محبت جي موج تن ماڻي
صحي سڃاڻي راه ورتائون رب جي.

٢٥. عشق جني سر آئيو ويا دونهان دکايون
ماري من متي ڪري ويا سر کي سمجهايون
پاڻ منجهان پايون ويا مشاهدو محبوب جي.

٢٦. عشق جني سر آئيو خودي ڪاڍائون
وحدت جي درياه مان پيالا پيتائون
گولي لڌائون پريان سندو پيچرو.

٢٧. عشق جني سر آئيو پيا جاڳڻ وقت وڏي
وحدت منجهه وڪوڙجي ويا پر ۾ پاڻ گڏي
سامين سک ڇڏي سور کنيان ها سر تي.

٢٨. عشق جني سر آئيو لڳو تني لاڳ
پهي ڪٽ پرات مون اٿي جوڳي جاڳ
اٿي لنب اپاڳ، ڪي پوءِ هٿندين هيڙا.

۲۹. عشق جني سو آنيو تن کيا سر سندا ساٽا
ڪاهي ڪلالين آئيا چکيا تن چاٽا
پيتائون پريت مون گهٽ منجهون گهاٽا
پوءِ ڳجهه ڏيئي ڳاٽا ويچارن وڍائيا.

۳۰. عشق جني سو آنيو تن صاف چکي سرڪي
ڪاهي ڪلالين آئيا مٿن تي مرڪي
پوءِ سرڪيءَ لئي سرڪي تن ڪوڻ ڪنڌ ڪپايا.

۳۱. عشق جني سو آنيو سي سو سهنگا ريو ڏين
سوريءَ سندي سڏ ڪون تو اٿا ترسن
پوءِ ڪنڌ ڪپائون ڏين محبت جي ميدان پر.

۳۲. عشق جني سو آنيو پيا الف سان اورين
اُتي اسو ويل ڪي پيا چرخي ڪي چورين
پوءِ سداهه سورين سامي سڳا سور جا.

۳۳. عشق جني سو آنيو تن ووڙي ڪيو وس
پريان سندي پار جو لڌو ڳاروڙن ڳس
قلبي لاهي ڪس ويا رمندا رام ڏي.

۳۴. عشق جني سو آنيو سي پيا مرد موي
اندر آڙاهه عشق جو وين مچ ٻري
ڪولي دل دري وين کهندا ڪابول ڏي.

۳۵. عشق جني سو آنيو لڳي تن لوري
اٿي پهر عجيب جي تن جيءَ اندر جهوري
ڏکن جي ڏوري بندي پارچو ويو.

٣٦. عشق جني سر آئيو سي نيڻن کيا نانگا
سڀ سڻائون سو تني گلا جا گهانگهها
پوءِ لاهوتي لانگها لنگهي ويا.

٣٧. عشق جني سر آيو ويا خودي ماري خان
انهن جي اسرار جي آهه ڪل ڪنهين کي ڪان
پوءِ سودن جا سامان ساميڻ ڪنيان سڀ تي.

٣٨. عشق جني سر آئيو سي سامي ڪين سمهن
انئي پهر عجيب لئي پيا لاهوتي لڇن
ڪنهن سان ڪين ڪڇن جو مزو چکيائون ماڻ جو.

٣٩. عشق جني سر آئيو پورو پڳائون
پيائي جا پيل چوري ورق واريائون
پر سان پاڙيائون قالو بليٰ جي قول کي.

٤٠. عشق جني سر آئيو پهرين سي پوتا
غازين پردا غير جا درس ڪٽي ڌوتا
جي چاڙهيائون چوتا سي لنگهائون ڪينڪي.

٤١. عشق جني سر آئيو سي فاني ٿين فقير
ويل وسارن ڪينڪي سامي سوت ستڳر
تن کي محمد ميراڄي وٺيون وحدت جون ڏنيون.

٤٢. عشق جني سر آئيو تني چاڙهو چاڙ
سڪ ٻڌائون سندو سوڍو ڪنيائون ساڙ
وڏا اڳين وتاڙ سرچي سرچي ڪيو.

سورٺ جا بيت

١. ماڙيءَ آيس منگتو ويل تنهين ونجهار
تنهن سالڪ پنڌو ساز کي جهاڻ جو جنسار
ساز ڏاهي سر کڍي کياءِ تند آنوار
گڏ هنياءَ گونار پر جنهن جو ڏور پيو ڏهڪار
اتي راهه ڏياچ کي پيو دليءَ پر دهڪار
سر پڌڻ سان ٻيو چوي ويس کيس چڙهي خمار
ته اڳ نه آئيو اهڙو ڪو مان وٽ مڱڻهار
جنهن چوري چت چريو ڪيو پيو آهي جيءَ جسي پر جار
هن به ڪپي سو ڪاپار ڏنو موتي مڱڻهار کي.

٢. ماڙيءَ آيس منگتو رمي ڪنهين رات
سو سوال گهرائين رب کون وائي پنهنجي وات
ته مهت لهي موتي وڃان نون ڏاتر ڏيارين ڏات
سو ساز کنياءِ سقرو سچيءَ سڪ صفات
اتي هوءَ هوءَ پولي حق جي اها تندن اتاري تات
سا پاجهاري ته ٻيو چوي پيس لنو لنو الله ولات
پوءِ به ڪنڌ ڪپي سان ڪات ڏناءِ موتي مڱڻهار کي.

٣. ماڙي هيئون منگتي اچي پنڊي پڌي هڻي پت
سو هن به ماپا مال جا ڪٽي ڪيس حوالي هٿ

پيچل ٻولائي چيس ته آءٌ مول نه ڪندس مَٽ
جو سوالي آهيان سو جو جهڙپي ليندس جهٽ
تاءِ ڏناءِ ٽنڊ کي وري ڇاڙهي وٽ
هن کي ٽارن ٽن ۾ ڪيا فراقي ڦٽ
انين ٽنڊن ٽاڪ ڪيس جيئن ستياڻيءَ جي سٽ
پوءِ ادا خان لهي تون ڪت ڪٽي قابل ڪنڌ نوائيو.

٤. ماڙيءَ آيس منگتو هل ڪري هولي
تنهن سالڪ وڃائي ساز ۾ ڪا ٻاجهاري ٻولي
هن کي راحت راڳ مون آئي ٽنو ٽنو ۾ لولي
پوءِ ٻو گهوٽ ڪٽي گهولي سڀ ساه صدق ڪري.

٥. ماڙيءَ آيس منگتو ڪري ٻراهون پنڌ
تنهن وڃائي ته وقوف سان ٿهدل وڄهي ٽنڊ
گز هڻياءِ گورنار ۾ سو جهي لهي سنڌ
پوءِ هن ٻه ڪيپي ڪٽي ڪنڌ ڏنو موٽي مڱڻهار کي.


٦. ماڙيءَ آيس منگتو وري ڦيري واڳ
سالڪ ساز وڄائيو مٿي تنهين ماڳ
اني ٽنڊن تماشو ڪيو اچي رم جهم لايس راڳ
جو لڳس ٻاڻ ٻيو چوري هنڪي جوڙن تي هڻي جاڳ
هو ٻهو سالڪ سمجهو سور جو، جو پيس دل جا الڙي داڳ
پوءِ لکين گهوريون لاڳ تو سر سودا صدقي ڪري.





دلبر آيا!

دلبر ساڏي ديري آيا
عشق ڪيا آواز آئي.
توڙي نيڻ حضوري چاهس
رمزن لايا راز آئي.
شمس قمر تان ڪتيان تاري
ڀون ڇپايا تاب آئي.
جن ملائڪ حوران پريون
ماڻهو ٿيا مشتاق آئي.
مور مرنگهه پيا سهس پکي
پيا توڙي ڪن نياز آئي.
رمز لڳي دل راضي بازي
تاڙيون ڪليا طاق آئي.
صحيح بيدل پڙهه ياد هميشه
ڪلمه محمد پاڪ آئي.



١. سور جاڳي تان ٿوي
نه ته ڪيهي سڌري سور
جن کي لڳي جڙ جان ۾
ويندون سي وهلور
جن کي گهايو گهور
اُهي پٽيندئون پور ۾.

٢. اوهي پٽيندئون پور ۾
جن کي لڳو ٻاڻ
ٻارو چل ٻيل چوي
وس کهي ڪا ڳيءَ ساڻ
پنهنجو وڃائين ٻاڻ
ڪياءِ حاصل صورت حق جي.

٣. ڪياءِ حاصل صورت حق جي
ڇڏي خودي ٿيا خان
ٻاڻ وڃائي ٿو لڳ
ملهيا ۾ ميدان
سولي جي نشان
اچي ٻهريون ڏريائون ٽڙ ۾.

ڏور ٻڌس ڏونگر ۾

ٻنهل جا پيوا ڏور ٻنڌس ڏونگر ۾

١- اوکو ٻنڌ ٻهاڙ جو وڪڙ اوٻيوا
سون سائڙو ساه کي جلن ٽا جيوا
ڏسان شال اکين سان دلبر جا ديوا
ڪندو پاڄهه ٻيل چوي مينهندو ميوا.

ويٺي واجهائي

جيڏنهن جالب سان دل منهنجي آهي،
سرتيون ستا سور ويو جاڳائي.

١- سسئي ٻنهل ڪاڻ ٻيٺي اوساري،
ڪيچي ڪيچ ويڙا ڪرها قطاري
ٻر ٻجهي ٻاري، هيءَ پا ٻيٽ پا ڪاري،
اجهو خان آيندم ڪيچ ڏٺي ڪاهي.

٢- مومل گهوٽ ماڙيءَ ۾ گهٽيئي گنوايا،
ڏسڻ ڏهاڙي عاشق ڪنديءَ ڪاڪ آيا
مينڌري هٿي منب مومل کي لايا،
رويون راڻي ڪاڻ ڪانگ ٽي اڏائي.

٣- محبت مجنيءَ کي ليهن ٻئي نهوڙيو،
ٻيڻو هيو ٻر لئي ولين ۾ وڪوڙيو
الله عاشقن جو لاهيج وڇوڙو،
لائس لنو ليليٰ ٻيڻو ٻهائي.

۴- سڪ نه سهڻيءَ کي مهر جي ساري،
اديون عشق آڻي سهي سا اٿاري
بيدل چوي بنديءَ کي ٻيا ٻار ٻاري،
ماندي ميهر لئي ويئي واجهائي.

اوري دين ايمان!

عشق ڪري آيو جلوو جنگي،
ٿيو هوش عقل حيران.
۱- عشق وارن جا پنڌ پرانهون،
اوري دين ايمان.
۲- نه مئن سني نه مئن شيعا،
نه مئن مسلمان.
۳- عشق اسان دا ڪعبه قبلا،
عشق دا عالي شان.
۴- عشق بيدل چئي آئي ڇهائي،
جائي مڙدن جا ميدان.

اڇي منهن ڏيکاريو

ڏونهان روز دل ۾ هزارين ڏکن ٿا،
ڏاڍو عشق اندر ۾ عضوا ڏکن ٿا.
۱- ڏوڏڙا ڏکائي وڌين، مچڙا مچائي وڌين،
گهايل دل کي گهائي وڌين، گوندر گهڻن ٿا.
۲- اندر ڪورو ٿو ڪامي، ڪڍهين ڪين اڇامي،
سپيئي عيب مان ۾، سي جيءَ ۾ چڪن ٿا.

٣- بيدل چوي مان جنجي، پاڻهي هان اوڙنون لنجي،
اچي سڄڻ منهن ڏيکاريو، منهنجا ليک سڀ لٿا.

بيت

ال الطاف ٻڌي هيءَ آسري الاهو
ڏوليندس ڏکيو ڏاڏي تي ساري الر سو
هنکي ٻنهون ميل ٻورو پاروچو بيدل چوي

پرين ۽ پرت پياري

ڪٿي واندڪ مان ساري ڏسون ٿا،
ٻوه جي اصل بات پاري ڏسون ٿا.

١- محبت جي مچ ۾ پتنگ جان پچون ٿا،
ڪوي ساه صدقي قربڻون سي ڪسن ٿا.
عجب هاج تن جي سونهاري ڏسون ٿا.

٢- ڪيو معراج مردن مٿون نوڪ نيزن،
اصل ڪان اڳاهي هيا ساڻ عجبن.
ايها ٻولڻه جي ٻوت پياري ڏسون ٿا.

٣- حڪم سان هليو هوت قربڻون ڪسڻ لي،
ٻندي نينهن او اهت مڙو نا موڪ لي.
عشق جي ايها ذات، ليا ري ڏسون ٿا.

٤- عجب راز سان ٿي رندن روح رڃها ٻو،
ملي هوت هيڪو ٻـڌ ٻيو ٻـايو.
بيدل ٻاجھ ٻهڳڻ پاجهاري ڏسون ٿا.

آءُ هيڻن جا همراهه!

شافي مرسل شاهه ميان،
تنهنجو سوراندو ساهه ميان
آءُ هيڻن جا همراهه ميان۔

١- اوکا پنڌ پهاڙ جا،
اچي رهبر رسج راهه ميان۔

٢- پوندي ڪن ڪوبر جي،
هن آسروند جي آهه ميان۔

٣- ناقص هن لڏر لئي،
اچي لهي نر ڪجهه نگاهه ميان۔

٤- ڪر ڪا ٻاجهه بيدل چوي،
عربي لڄ الله ميان۔

بيت سارنگ

١- اڄ ٻڙ اتر پار ڏانهن ڪڪر ڪئي ڪوڙ،
چاتر ونيءَ چهڪو ڪيو، ڪئي گاج گوڙ،
تون پڇاڻين لوڙ، سات پنهنجو سيدا۔

٢- اڄ ٻڙ اتر پار ڏانهن ٿيا ڪارا ڪڪر ڪير،
انا مينهن پٽن آئي ٿيا ڳاهون ڳم ڳنڀير،
ڪليون پيا ريند و ڪير عالم ڪي ڏ انڙ چوي۔

٣- اڄ ٻڙ اتر پار ڏانهن ڪڏي ڪڪر ڪام،
چڙهي هنباري هليو، لڏي لونگن لام،
اچي عربي جام باندي ڇڏائيم بند مون۔

۴- اڄ ٻڌ اٿو ٻاهر ڏانهن ٽيا ڪارا ڪڪر ميل،
تبل وڄائي ڪڙو هت ڪيائين ڇيل،
ساونگ ڇڙهيو سيبج لي ڪنهيون ساز سوهل،
بگل باجا بڄنسويون ڪوڻائيون ڪونيل؛
وڻ ٽڻ انهيءَ ويل ٻهڪڻ لڳا ٻيل ڇوي.

۵- اڄ ٻڌ اٿو ٻار ڏي ڪڪرن ڪيا ڪناس،
ڪٿوري خوشبوءِ جي ٿي وڻ وڻ مٿي واس،
ساونگ سهڻو آيو ڀڃائين هوشاڪ؛
سائين ڪيا سهاڳ عالم سان انڙ ڇوي.



ڀل نامو

صفحو	سٽ	غلط	برابر
٥٩	٧	وحدت (واڌي وات)	و رہ (وادي وات)
٧٢	٩	مو يٺا	مو ٺيا
٧٢	٢	ٻي ۾	ٻي
٩٣	١٠	ها ن ۾	هيان ۾
٩٧	١	چ	جا
١١٢	١٢	نغر و	نغر و
١٣٠	٤	نا کس	نا قص
١٤٦	١٤	جي	جو

شرح ۽ معنيٰ

صفحه (الف)

حشر = آخرت ۽ قيامت ۽ قيام.

اُمت جو اُمراهه = پيغمبر صاحب (صلعم)

ڪس قلوب = دل ني چڙهيل ڪٽ.

ارواح = روح.

اکن = سوڙهن پيچرن ۽ تڪليفن.

صفحه (ب)

مشر = مشرح = رب تعاليٰ جو پيغام سمجهائيندڙ.

ڏونگر = جبل.

اُٺ = پيدل فقير جو نالو (سندس ذات).

آرياڻي = پنهل ۽ محبوب.

انور = نوراني.

آجو تن اندر = اُهن جي دل چٽل يا بخشيل آهي.

قواري = زبور سمت.

الحد = لحد = قبر.

عربي = پيغمبر صاحب (صلعم).

ڪن فيڪون = خلقت (خدا تعاليٰ جڏهن روز ازل جي روح ني خلقيا، تڏهن فرمايائين "ڪن" = ني ٿيءُ. نتيجو اڪتو "فيڪون" = ني پيو. انهيءَ خالق خلقت جو آغاز ڪيو).

صفحه (پ)

پروانا = خط.

پرڏي = پرين ڏانھن.

مٺن جايا = مان جانس.

پنڌڙ = ڪپڙي جا ٽڪر جن ۾ ٻار ننڍي ھوندي پڌبو آھي.

نوازي = مھرباني ڪري.

صفحه ١.

پرجھي = سمجھي

رمزن ۾ رچاء = خدا تعالى واري وات ۾ لڳاء.

وحدت = ميلاپ الله تعالى سان ۽ ھيڪڙائي.

مانجھي = بھادر.

سولڳين = سوڙ دفعا.

گھوري گھماء = قربان ڪر.

چوگان = ميدان (عشق جو).

ڪات ڪان ڪنڌ ناڪيداء = سر ڏيڻ لاء تيار ۽ ھوشيار ٿي بيھ.

الف = الله جو نالو.

أجرو = صاف.

صفحه ٢.

بحري باز = ٽڪو ساموندي پکي.

شھباز = وڏو شڪاري پکي.

فرهاد = هڪ مشهور سنگتراش (پٿرن تي اُڪر جو ڪم ڪندڙ) جو شيرين تي عاشق ٿيو ۽ اُن کي راضي ڪرڻ لاءِ هڪ وڏو ڏکو ٽاڪيائين.

ڪنعان = عربستان جي لڳ هڪ ملڪ جو نالو.

شاهه ڪنعاني = حضرت يوسف پٽ حضرت ايوب پيغمبر جو. پاڻ به پيغمبر سمجهيو وڃندو آهي. حسن ۾ لاثاني هو. ڀائرن دشمني ڪري کيس کوھ ۾ اُڇلائي ڇڏيو، جا ڪاڻ ته هو پيءُ کي سڀني کان پيارو هو. اُتان هڪ سوداگر ڪڍي مصر جي بازار ۾ پانهو ڪري وڪيس. بيبي زليخا جا مصر جي هڪ نهايت حسين ۽ دولتمند عورت هئي سا سندس حسن ڏسي مٿس ڇڪن ٿي پئي ۽ کيس چڱن ڏکن ۾ خريد ڪري پاڻوت ڪيائين. سندن محبت اُن وقت جي مذهبي قانون موجب هلندي رهي. يوسف زليخا جو قصو فارسي، اردو، پنجابي ۽ سنڌيءَ ۾ گهڻو چيل آهي.

زدا = پانهو.

منصور = اهو عاشق جنهن "انا الحق" چولدي سر
سهسا يو..

بن موسيٰ = حضرت موسيٰ بطجي.

کوهه طور = طور سينا جبل (نالو).

(حضرت موسيٰ ابيءَ کي "کليم الله" کري
چوندا آهن، جو خدا تعاليٰ ساڻس طور جبل تي
ڳالهايو هو، جتي خدائي نور جو جلوو ڏسي بي اختيار
بي هوش ٿي کري پيو).

آڙاهه = مچ.

صفحه ٣.

اَڏي = کاٺ جو ٿلهو ٽڪرو (بنڍ) جنهن تي
گوشت وڍجي.

اَڏي عيد انهن جي آهي = اهي عاشق سر ڏيڻ لاءِ
انهن سرها نين ٿا، جن
کي ماڻهو عيد جي
ڏينهن خوش ٿئي.

کوڙا = بهادر.

امام = رهبر، پيشوا.

سجدي سيس اوائن ٿا = ڌڻي تعاليٰ جي عبادت
کندڏ ڌرليءَ ٿي رکي ادب
سان سجدو کن ٿا.

موڙي آڻ محب مهارون = اي پنهل، پنهنجي اٺ
جي مهار هن طرف موڙي
مون وٽ اچ.

ڦارون = ڦوڙا ڦوڙا.

ٽال = ساٽ.

صفحه ٤.

حجاب = ديوي لڄ يا دوئيءَ جو پڙدو.

ڦٽ ڦڪڙي = ماڻهن جا ميڻا.

شتاب = جلد.

رند = مست درويش.

راز = ڳجهه.

عرش = ستون آسمان، جتي ذات تعاليٰ جو تخت گاهه
چيو وڃي ٿو. سڀڪان مٿيون مڪان جتي
مطلق نور جو مرڪز مڃيو ويو آهي.

عرش ... منهنجو = اهو عرش وارو هنڌ ئي منهنجي
آخرين منزل مقصود آهي.

محبت مٿيون = عشق ۽ ڦاٽيون؛ عشق جون ڪي گهايو.

صفحه ٥.

مرد مڙيو = بهادر شير مرد.

لاهوتي = عاشق، لاهوت جي منزل تي پهتل. الهي
منزل تي. جتي نور ئي نور کان سواءِ ٻيو
ڪجهه نٿو ڏسي.

صوفي ۴ منزلون انسان جي روحاني واڌاري جون ٻڌائيندا آهن (١) شريعت (٢) طريقت (٣) حقيقت (۴) معرفت

يا

(١) ناسوت (٢) ملڪوت (٣) جبروت (۴) لاهوت (٥) هاهوت.

ڀيد = راز.

لڪندو = ڇاٽندو.

اُجارو = روشنائي (اندر)

ڪعبو = مسلمانن جي پاڪ جاءِ مڪي شريف ۾، اُن کي بيت الله (الله جو گهر) ڪري ٻ ڇوندا آهن. هڪڙي پٿر جي چوديواري آهي جا حضرت ابراهيم مصري پٿر سان تيار ڪرائي هئي. حضرت محمد (صلعم) ٻه انهيءَ ساڳيءَ جاءِ کي دائمي پاڪ جاءِ سمجهي تسليم ڪيو ۽ اُن کي حج جو مرڪز مقرر ڪيو.

قلب ڪعبو... حج حضور = عام بيت آهي ته.

قلب اندر ڪعبو ڏٺوسي،
مڪي وڃڻ جو ڪهڙو ضرور.

درويش جو مطلب آهي ته جيڪي الله تعاليٰ جا سچا عاشق آهن، سي پنهنجي اندر ۾ ني انهيءَ نوراني نور جو جلوو پسن ٿا ۽ سندن قلب ئي بيت الله (الله جو گهر) آهي.

سامي صاحب چيو آهي ته

من متوارا دل دوارڪا، ڪايا ۾ ڪاشي
چيتن وسي چت ۾، الک ابناسي.

غفور = مهربان.

صفحه ٦.

عين = اکيون.

بور = دفعي.

بازي = راند.

صفحه ٧.

لام بيه = ٻئي طرف.

مذڪور = ذڪر ڪيل حال.

جام = پيالو.

وجاني... چوڪان = عشق جا ٻه هٿي قلب مان غير صفا ڪري ٿو ڇڏي.

ذڪر ذاتي = الله پاڪ جو ذڪر.

بي سوئي ۽ = آهو يا هستي ماري ڇڏ.

اکيون چونده سچ واهه واهه = قيامت جي ڏينهن ڏاڍيون اکيان تون سرخرو ٿينديون.

صفحه ٨.

پاڪ جي ٽولي = پاڪ معنيٰ پيغمبر صلعم جو قيامت جي ڏينهن پنهنجي اُمت (ٽولي) کي بچائيندو.

صفحه ٩.

ڪلالين = ڪلالن وٽ، شراب نه پيندڙ ساقيءَ وٽ، محبوب وٽ، جنهن ڪسڻ جو ڪوپ وهي.

حق = ذات تعاليٰ.

هو جاءِ حق سڃاڻن = هو ڪنهن هنڌ هو ڪنهن ۾ انهيءَ مٿي مالڪ کي موجود ۽ ظاهر ٿا ڏسن.

پيچي دوني وارا دام = پياليءَ جا پنڌن ٽوڙي ٿا ڇڏين.

اوڊوڻن = مست درويشن.

ڏوهن ۾ = جبلن ۾.

انا الحق = "مان آهيان حق." اهي لفظ درويش منصور چيا، جنهن ڪري شريعت جا پابندن جي هٿان سر وڃايائين.

شيخ صنعان = پنهنجي زماني ۾ وڏو درويش ٿي گذريو آهي. شيخ عطار جو مرشد هو. اوچتو هڪ گبر جي ڌيءَ تي عاشق ٿي پيو، جنهن جا سوئر چاريندو وتندو هو. ايئن سندس طالب شيخ عطار اان آزاد ڪيس.

ڪربل = ڪربلا = عراق ۾ ميدان جتي حضرت عليءَ جي فرزند ارجمند حضرت حسين شهادت حاصل ڪئي.

ٻنڌ ٽن لاڪر = لنڊيڙيءَ معصوم اوسيتا ڪان وٺي.
جام = محبت جي سرڪي.

صفحو ١٠.

چانئي ۾ چمڪار = سيني اندر آواز.
انت اورج = الله تعاليٰ جو ذڪر قلب ۾ چورج.
قلبيءَ جي ڪوڪار = قلب اندر ذڪر.
روز ازل = اهو ڏينهن جڏهن خدا تعاليٰ روح خلقيا.
ليزي = ڦاسي.
سامي = درويش.
سخن سچيار = واعدي لئي پورا.

صفحو ١١.

لنو لنو ۾ لوڙي = رڳ رڳ اندر سڪ.
ڪوتل = بهادر گهوڙا جنگي.

صفحو ١٢.

گهتي = وٿي.
دام دوالي = برهه جي ڦاهي.
هو هو الله = قلبي ذڪر.
ورد وظائف = اها عبادت جا فرض نه آهي.
(واحد وظيفه)

صفحو ١٣.

جيئي = جئندي.
مجاوڻ ڏي = مري وڃڻ جي.

(جيئري مرڻ يعني پنهنجي خودي گنوائڻ لئي سڀني درويشن گهڻو زور ڏنو آهي.

شاه صاحب چيو آهي ته

"هوندا سي حيات، مئا اڳي جي مئا"

(يعني اهي ماڻهو جي مرڻ کان اڳي يعني جيئري مئا سي هميشه حيات هوندا).

جان جان هستي دا حال نه پيندا = جيسين پنهنجي هستي نه ماريندو يعني پنهنجي هستي وڃائي نيست نابود نه ٿيندو.

نيت نه رک ول آوڻ دي = وري جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچڻ جو آسرو نه رک.

گهن = وٺ.
بد هوائي دا بوٽا پٽ = نفساني خيال ڪڍي ڇڏ.
چا گهن = کڻي وٺ.
آيت = پاڪ سٽ.
آپ وڃاوڻ = جيئري مرڻ، خودي گنوائڻ.
نفي اثبات = ٻه مخالف لفظ، نه ۽ ها، نابود ۽ بود، لا اِلٰه ۽ اِلا الله.

نفي اثبات کو چاڻين = درويش تو چوي ته پنهنجي
خودي گم ڪري (آءِ وڃائي)
ڪي ئي سچي زندگي سمجهه .
نيستي ئي سچي هستي آهي .
وڃ اڇا دي آپ ته آڻين = " " " .

صفحو ١٤١ .

ذات صفات = الله تعاليٰ جي ذاتي ۽ صفاتي صورت
نوراڪار ۽ آڪار سروپ .
ذاتي = اصل ۽ نوراني .
صفاتي = عناصر يا تتن جو ٺهيل .
احد نون = اصل ڪان .
عبد = ٻانهو
سانگ = هوش .
غازي = جوان .
گام = قدم .
الف جنهينکي ... لام = جن جو اندر الله تعاليٰ جي
ذڪر سان اُجرو ٿيل آهي
سي اهڙا ڪنهن به ڳالهه جي
ڳالهه نه ڳالهه ڪن .

اَلستي انجام = جڏهن رب روح پيدا ڪيا تڏهن
کانئن پڇيائين ته ”الست بربڪم“
يعني ڇا، مان اوهان جو رب نه
آهيان؟ روحن جواب ڏنو ”بليٰ“
يعني هائو. ”قالو بليٰ“ معنيٰ ”چيائون
هائو.“ يعني ”هائو، تون اسان
جو رب آهين.“ انهيءَ اقرار کي
اَلستي انجام ڪري سڏيو آهي ۽
اُنهيءَ ڏينهن کي ”روز الست“
يا ”روز ميثاق“ ڪري چيو آهي.

جهڙ... جام = جنهن ڪري مينهن سان پوئل سڪل
زمين پسائي ٿو، تنهن محبت جو پيالو
سڙيل سڪل دل کي سر سبز ڪري ٿو.

احد تون... سڏائين = الاهي صورت منجهان اچي
پاڻ کي پانهو سڏايئي.

(سچل سائينءَ به هڪ هنڌ چيو آهي ته ”نوڪر نئين
نه چاڪان چاڪون، هئس اصل سلطان.“

وڃ پيو ي = هن خاڪي بدن ۾.

اپنا پيڙو وايا جي = تو پاڻ پنهنجي راضي ۽ رضامندي
سان اچي انساني بدن اندر پاڻ
لڪايو آهي).

صفحه ١٥.

ڪجلين = سرمي پوريل اکين.

عشق مجني ... ولهار = ليلي خاطر مجنون مست ٿي
ڏو ڏو ٿيندو، جبل جها ٿيندو ۽
جهنگ جي ولين ۽ ٻوٽن سان
روح رهاڻ ڪندو رهيو. سندس
اصل نالو "قيص" هو ۽ هو يمن
جي سردار حاڪم جو پٽ هو
پر پوءِ ليلي جي عشق ۾ ڦولدي
اهڙو ته مست ٿي ويو جو مٿس
نالو ئي پئجي ويو مجنون يعني
"عشق ۾ مستان".

ٻيڻهن ڪون لڳڙي چوٽ نيڻالدي = جنهنکي سڄڻ جي
گهور گهايو آهي.

آتش = باهه.

صفحه ١٦.

اڙي ۾ = پاڇ ۾.

ٻانهه سيوا انڌي = آڌار.

گفتا = ٻول.

غيب = ڳجهه.

الانسان سري = الانسان سري انا سره = انسان
منهنجو ڳجهه آهي ۽ مان انسان جو
ڳجهه آهيان (حديث قدسي)
(قرآن شريف).

حيراني = (دنيوي نعمتن لاءِ) انتظاري.

سيني ۾ سير = قلب اندر نظارو ڏور جو.

سانگا = خوف خطرا.

ڪوثر = بهشت ۾ هڪ چشمي جو نالو، جنهن جو پاڻي
چانديءَ خواه کير کان به وڌيڪ سفيد چٽو
وڻندڙ آهي ۽ عطر کان به وڌيڪ خوشبودار،
جنهن جي پيئڻ سان وري اُڃ نه لڳي.

صفحو ۱۷۰

ڏيئي سر هيءَ سر ڪنجي = هيءَ جند جان قربان
ڪري روحاني راز
حاصل ڪجي.

رنگ الاهي = ايشور جو عجب نظارو.

قبلو = ڪعبي شريف جو طرف، جيڏانهن منهن ڪري
سجدو ڪجي.

ذات مان ذات = جوت مان جوت ۽ نور مان نور.

دلدل = حضرت محمد صلعم جي خچر، جا پاڻ
حضرت عليءَ کي ڏني هئائون. امام حسين
جي گهوڙي 'ذوالجناح' کي به دلدل
چوندا هئا.

وَنحن اقرب = سڄو جملو آهي :-
وَنحن اقرب اليه من حبل الوريد (قرآن شريف)
يعني هو مون کان پري ڪينهي، پر گچيءَ جي رڳن
کان به اوري بلڪ مون وٽ آهي.

(خدا تعاليٰ فرمائي ٿو ته) اسين هن کي يعني انسان کي سندس گردن جي رڳن کان به ويجها آهيون.

آب آلايه = پاڪ فرمايو اٿو.

هرڪيون = هاڻي وري ڪٿي؟

هر مظهر = هر صورت ۾ هو نظاري.

صفحه ١٨.

ميخانو = شراب پيئڻ جي جاءِ، اها درويشي درگاه، جتي عشق جو جام جاري هجي ۽ درويش ساقي بڻيو پيو طالبن کي مست ڪري.

شريعت = مذهب.

موسيٰ = پيغمبر جو نالو (Moses). کيس ڪليم الله ڪري به چوندا آهن. سندس اُمتي يهودي (Jews) آهن.

ابراهيم = پيغمبر جو نالو، جنهنکي خليل الله (خدا جو دوست) ڪري چوندا آهن.

عيسيٰ = ڪرستانن جي پيغمبر جو نالو. بيبي مريم جو فرزند. هن کي ”مسيح“ ڪري به چوندا آهن، جنهنجي معنيٰ آهي دوست.

احمد = اسلام جي پيغمبر حضرت محمد صاحب جو ذاتي نالو، جنهن سان کيس بهشت ۾ سڏيو وڃي ٿو.

يحيٰ = (St. John the Baptist) هڪڙي پيغمبر جو نالو، جو نهايت سخي دل هو.

Arabic name for the prophet Enock. = ادريس
هڪ پيغمبر جو نالو.

جرجيس = زردشت ۽ پيغمبر جو نالو. پارسين جو
پيغمبر.

داؤد = پيغمبر (David) جو نالو. سليمان بادشاه
جو پيءُ. سندس پرارٿنائن جي ڪتاب کي
زبور (Psalms) سڏبو آهي.

صفحو ١٩.

صنعان = درويش جو نالو.

ڳل جٽيا صنعان آيا = سچل فقير چيو آهي ته
”جٽيو ڪفر صنعان وڃايو.“

يعني تون ئي ساڳيو الله آهين جنهن صنعان فقير
جي ڳچيءَ ۾ ڪفر جو ڌاڳو (جٽيو) وڌو.

جٽيو ڪفر = خلق جي جٽ ڦٽ.

سيف = ترار.

الف = الله.

لام ڏي مول نه لڙيان = لوڪ جو اصل خيال نه ٿو
ڪريان.

صفحو ٢٠.

ميارون = ڏورابا.

عرش عظيم = مٿاهين آسمان.

چوڪان = ليزا ۽ توڪان.

صفحه ٢١.

عشاق = عاشق.

رهبر = مرشد (راه هلائيندڙ).

صفحه ٢٢.

پير مغان = رهبر مرشد. رند مست.

ٻوجهايو = سمجهايو

روز ازل = اهو ڏينهن جڏهن روح خلقيا ويا.

عقاب = باز.

مهتاب = چنڊ جهڙو سهڻو.

صفحه ٢٣.

سڪ جا سڳا = محبت جي تسبيح.

پکي آءُ پنهنجي = جهوپڙيءَ ۾ گهڙي اچ.

دون نماڻيءَ نجهڙي (پکي يا جهوپڙي) پرو ڪج پتار.
(شاه).

صفحه ٢٤.

سڪ جا سانيرو = محبت جي گهڙين جي ياد گيري.

چڙڪن جڳن چڙهي ٿو ن = گهنڊين جيان پيئي ٿي ڪنن
۾ وڄي.

هوائي = پتنگ.

صفحه ٢٥.

ملهي = نهي ايا وٿي.

مڙگان = اکين جي ڀنبڙن جا وار (eyelashes) جن
کي تيرن سان ڀيٽ ڏني آهي ۽ ڀروُن
کي ڪمان سان، جنهن مان اهي تير
ڇٽندا آهن، جڏهن معشوق عاشق کي
پنهنجي نظر سان گهائيندو آهي.

صفحه ٢٦.

نيٽم = ڪسيم.

حيدر = حضرت عليءَ کي 'حيدر' سڏيندا آهن.
'حيدر' لفظ جي معنيٰ آهي شينهن. حضرت
عليءَ کي شير مرد يعني شينهن جهڙو مڙس
۽ شير-خدا به چوندا آهن.

لا = نيستي = نفي.

شعلي = چڻنگ.

توڪل = خدا تعاليٰ تي آسرو.

ويهي = ويهو ڏيئي مضبوط ڪئي، قابو ڪئي.

پڇي پورا ڪيا تون ديهي = پنهنجي هستي نيست
نابود ڪري ڇڏيا تون؛
پنهنجي خودي پا آڻو
ڪڍي ڇڏيا تون.

صفحه ٢٧.

پرت = عشق.

داستان = بيان.

اوڙين = روح وڃاڻ ڪن.
ماڳ ميڙاڻ = محبت وارين جايون.
جوءِ = جڳهه ۽ مڪان.
ڏاهي = سياڻي ۽ مرشد.
نفي ڪو نانءُ ننهنجو = ننهنجي خودي ماري ڇڏ.
مڪو ملتان = پاڪ شهرن جا نالا.
دل مديني... ملتان تون = قلب اندر ڪعبو ڏسين...

اـــع

جي پائين جوڳي ٿيان ته منجهه ني پوي مر،
منجهائي ابوت اڪيا، منجهه ني گوروهه جو گهر،
منجهه ني بابو بڪيا، منجهه ني نانڪ سر ۽
بستي ڏوڌم بسو، تون خود آهين اڪيو.

صفحه ٢٨.

ظهور ذات جو = الله جو نور.
دفتري ديوان = قاضي ۽ منصف.
(آهي ملان، آهي قاضي، آهي درس پڙهاوڻ تون)

صفحه ٢٩.

عشاقاندي = عاشقن جي.
وحدت = هيڪڙائي.
وريام = بهادر ۽ ماڻهو، مٿير.
يگانا = اڪيلي سر.
ڇا ٿي مرد ملام = مرس ماڻهو ملامت سر ٿي ڪٽي.

صفحہ ۳۰.

گنوڙهيا = ٻاڍو.

گام = قدم.

ڏيري = مڪان.

چايس = ڪنيائين.

شمس قمر = سج ۽ چنڊ.

ٻهون = گهڻو.

ڳاڙيون = دل جي دري.

صفحہ ۳۲.

ٽِل = خوشيءَ سان اچ.

دام = ڄار.

ڪيس = ڦهو.

صفحہ ۳۳.

موتو قبل = جيئري مرڻ.

الستي انجام = قالو بليٰ وارو قول.

صفحہ ۳۵.

وٽ نه پائن وار = نه جيترو تفاوت به نه ٿا سمجهن.

صفحہ ۳۶.

جهنگ سيال = پنجاب جو هڪ ضلع ۽ رانجهن واريءَ هير جو وطن.

صفحہ ۳۷.

قيل قال = اجائي بڪواد.

ٻي سو ٽي = حياتيءَ تان هٿ کڻي.
وڃو وڃام = سور هيو.
ڪڇن جو ڪام = ڪڇن جو ڪمُ ڪڇا جيڪي
ڪجهه ساڃي ڀا سهي نہ سگهن،
اووٽ ۽ خام.
(اڃا تون اووٽ - ڪوڙي خبر نہ لهين)
(شاهہ)
(خالق ڇڏ ۽ خام تون - ۽ ڪي ڇڏ مخلوق)
(شاهہ)

صفحہ ٣٨.

گهوڙن ساڄ گهٽي = نظر سان نهوڙي.

صفحہ ٣٩.

زلف جي ڏاوہ = ٻنور جهڙن ڪارن وارن جي
دامُ.

صفحہ ٤١.

ملامت چاوڻ = سو ٽي گلا ڪٽين.

صفحہ ٤٢.

هوُ داهل = ”هوُ“ جو آواز ۽ قلبي ذڪر.
سلان = ٻڌايان.
هلان = ڪاهہ.

صفحہ ٤٥.

ڳوڙهن ڳاٽ ٻڌي = اکين مان آب هاري.

پانڌي = پيغام آڻيندڙ.
آئي منجھه اڙي = قاهيءَ ۾ ڦاٿي، دام ۾ اٽڪي.
ننڊ نه آوي = آرام نه اچي.

صفحه ۴٦.

ونجلي = مرلي.

صفحه ۴۷.

کيڙا لڌي = کيڙي، سندس ماڻهن جي.
کيڙو = هير جي مڙد نورنگ جي ذات.
کيڙو وڃهان کوهه [سچل] .

نوٽ:- هير، چوچڪ جي ڌيءَ، ذات جي سيال، جھنگ سيال (پنجاب) جي وينڌل هئي. سندس محبوب رانجھو هزاري جي ملڪ جي حاڪم جو پٽ هو. ڪيس "شاهه هزارو" ڪري به چوندا آهن.
سل = پڌاءِ.
وڻن = راڙ.

صفحه ۴۸.

خودي = آپو.
من منا نين = من کي مڃا نين.
ڏن ڏهن = ڏينهن رات.
ڀيڳڙ = گھڻن گڻن وارو، مرشد.
سگهي هي جھليو جھولي = هيءَ نماڻي پنهنجي جھوليءَ ۾ جھليو.

صفحه ٤٩.

پاڻيءَ سوڻ = مٿو گوڏن ۾ وجهي.
(پاڻي منهن مون ۾ غربت ساڻ گداز)
(شاهه)

ڪڏان = ڪڏهن.

دم منصوري = منصور وارو نعرو، انا الحق.

آلاوي = پوليءَ.

صفحه ٥٣.

اڏ ماڏ = خيال ۽ لوڏ.

صفحه ٥٤.

صبحاني دا = حق جو.

منجهه قرآن مذڪور هيا = قرآن ۾ ذڪر ٿيل آهي.

لامڪاني = بي مڪان، خدا تعاليٰ، جنهن جي ڪا خاص مقرر جاءِ نه هجي، يعني هر جا حاضر.

صفحه ٥٥.

قل هو الله = قل هو الله احد = چئه ته، هو هڪ الله آهي.

هُو هُو الله = قلبي ذڪر.

گمراهه = بي خبر.

اقرار = الستي قول (قالو بليٰ وارو).

خيال ويا خطرا = وهم سڀ اُڏي ڪيا.

صفحه ٥٧.

سگ = ڪتو.

ڪرڙي = ننڍي مڇي.

راڻيون راڻي = عيش عشرت ڪري.

طمع ڪي ترڙي = لالچ ڪي ڪيڏي.

صفحه ٥٨.

سوميري = منهنجي سرتي.

ويڪيم = ڏنم.

نا ٿن جو موڪ = اُنهن کي لائق نه آهي.

صفحه ٥٩.

"وحدت واري وات" جي بدران پڙهڻ گهرجي "وره واري وات".

وره = برهه.

وحدت جي واديءَ ۾ ٿيا غرق = هيڪڙائيءَ ۾ هڪ ٿي ويا.

صفحه ٦١.

خاطي = پاتڪي.

صفحه ٦٣.

في الله = الله جي تصور ۾.

ڪتا = مهر ٿيا.

هڏڪم = پڪيءَ پختيءَ طرح.

اسلام = خدائي وات؛ صلح سانت واري وات؛
دين اسلام.

مام = رمز؛ اشارو.

دور = پڙهڻ؛ مطالع.

صفحو ٦٤.

سيرو = رستا.

ڪٿوري = ڪستوري؛ خوشبودار بوٽي.

واسيا = خوشبودار ٿيا.

وکر = واپار.

(نوٽ:- درويش چوندا آهن ته هيءُ انسان هن دنيا ۾ وڻجار وپاري ٿي آيو آهي؛ حياتيءَ جو سفر ڪاٽي وڃي پنهنجي شاهه يعني الله تعاليٰ کي ليکو ڏيندو. جئن ڪنهن گماشتي کي شاهه پيسا ڏيئي ڏيساور نفعي لاءِ موڪليندو آهي، تئين ڌڻي تعاليٰ انسان کي اٿاهه طاقتون ڏيئي هن دنيا ۾ نيڪي ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي).

صفحو ٦٥.

هول = وهم.

قادر = رب تعاليٰ.

قوي = وڏو.

پاڪي نه ٿيءُ پار ڏانهن = ڌڻيءَ ڏانهن منهن نه موڙ.

صفحو ٧١.

عشق مجازي = انساني عشق.

عشق الاهي = حقيقي عشق .

ملامت = گلا .

منبر = منبر = مسجد ۾ اُهو جنهن تي بيهي ملان بانگ پڙهندا آهن يا عالم واعظ ڪندا آهن .

شملا چا ڀنڊ = پٽڪو ڪٺي ٻڌ ۽ شاهي تاج سو تي رک .

ماهي = يار .

صفحه ٧٢.

بقائي = لازوال هستي ۽ دائمي هستي ۽ اها زندگي جا ڪڏهن به ناس نه ٿئي .

عهد لڪئي = قسمت .

فنا في الله = الله جي ذات ۾ گم ٿيڻ ۽ پنهنجي جزي هستي ڪل هستي ۾ سمائڻ .

صفحه ٧٦.

ديمون = آواز ۽ گجگوڙ .

صفحه ٧٧.

الحمد = الحمد الله ۽ سارا ڪهي الله تعاليٰ جي .

God be praised !

صفحه ٧٨.

ذرجو = نهايت ڏکيو .

گهاني = قتئي .

من مسيت قلب ڪعبو = هي خيال فقير صاحب وري
وري ٿي ظاهر ڪيو آهي.
ٻين درويشن جو ٻڌ اهو ئي
خيال آهي. جئن ته

• من مثوا دل دوارڪا، ڪايا منجهه ڪاشي،
چيتن وسي چت ۾ الک ابناسي؛
(سامي).

صفحو ٨١.

سلهاوڙ دي = (سوريءَ تي) چاڙهڻ جي.

صفحو ٨٣.

هزاردا = جنت جو.

صفحو ٨٤.

حج اڪبر = وڏو حج؛ قلب اندر ديدار.
حج اصغر = ننڍو حج.
انور = نوراني.

صفحو ٨٦.

ڌنيران = آواز.
وسان = وسندس.
سانون = اسان کي.

صفحو ٨٧.

گداگر = فقير.
هوش مٽايو = صورت بدلائي.

لڙو (ڪانگل) = پڙاڏو، (اي ڪيا نٿا).

جهوڪ = بيٺڪ.

ڀڄنون = ڀڄ ٻاهي ڪري.

ول گڏيي ذات صفاتي = ذات ۽ صفات هڪ ٿي ويئون ۽ عبد ملي الله سان هڪ ٿي ويو.

صفحو ٨٨.

سيبا وندائين = وڏي ٿو.

صفحو ٩٠.

اڪسيردا = عجيب قسم جو.

گاهي = گاهه وارو.

لاوان منجهان لڌيان = هڪ ٿي ويس.

ديد ويڪيم = ديدار ڪيم.

صفحو ٩٥.

ٻاهوڙ = پڪو ۽ آواز.

چت گهت ۾ = گهٽ پوسات ۾ ۽ اوچتو ۽ چپ چاپ ۾.

شرع = شريعت.

ڪلور = قهر.

ويڙهيچن = جهانگين ۽ مارون، سانگين ۽ پنهوارن ۽ اعرابين، سنگهارن ...

صفحو ٩٦.

ڪٽيون = ڪٽو يا جنهنکي منو ٻڌو ندا آهن ۽ (مصالح دار ڏڏ، جنهن ۾ بسي وغيره پوندي آهي).

ٻل = جهل.
سل = ٽنگ.
قلد کهايا = ٽڪڙ ير مارايا.
سوڙو ڏناٽون = شهيد ٿيا.
سيج ۾ = بوهٽ ۾.
ٽاس = اُڃ.
(هن بيت ۾ اشارو آهي حضرت حسن ۽ حضرت حسين ڏانهن).

صفحه ٩٧.

سٽا هن = سمهيا آهن.
موم = لڄ.
لقب = مهٽو.
سوڳند = خوشبودار ڪاٺ ۽ چندن.
ويهان = داڻهون.

صفحه ٩٨.

جڙيون = ٻڌيون اُنکي وينون.
ڏيل = جسم.
جيءَ گهوريا هن جيڻي = جيڪي منهنجا دل و جگر محبوب آهن.
چوو ڪٽي = پرزا پرزا ڪٽي.
چاڪن = ڦٽن.
ذوق = محبت.

صفحه ١٠٠.

جالن = ڳنڍارين.

ڪونڌ ھ = مھلاتن ھ.

پٽن = واڙيءَ جي ڏڙن.

پاٽان = جايون.

صفحه ١٠١.

ڇڪيٽو = ڌڪيٽو.

ڊيپ اڪو دارون = دوا اڪو ڊوھل.

صفحه ١٠٤.

مليو ڏک ڏاج = ڏک موڪي اٿين مليا آھن، جنن ڪنار ڪي ڏاج ملندو آھي.

صفحه ١٠٦.

ڇپر = جبل.

ٻول ٻڌا اٿم = انجام ڪيا اٿم.

آماڙيون = ٻوندڙ ڪانيون.

صفحه ١٠٧.

ڪنن ميٺيان = تقدير جو لکيو ڪنن ڦيرايان.

گودن جو گس = اُن جو چارو.

صفحه ١١٣.

معراج = حضرت محمد صاحب (صلعم) جو ٻهشت ڏانھن چڙھڻ.

صفحه ١١٩.

ورنيا = ورت وارا ٻرھمڻ.

صفحه ١٢٠.

اسير = قيدي.

ستبر = دلجاءِ.

وحدت = هيڪڙائي.

صفحه ١٢٢.

هٽڙي = ٻاهي ڪئي.

دونيه جي ديوار = پياڻي يا حجاب جا پڙدا.

صفحه ١٢٤.

ڪوهه = ڪوسيءَ رکهه.

سوڪ مالي = ڪوڪي.

(سوڪ مالي پائڻ، هڪ اصطلاح به آهي يعني سزا ڏيڻ).

طوق = زنجير.

صفحه ١٢٥.

من مسيحت = من مسجد

پڙهه نمازان نيڻهن جون = محبت من مرڪ.

آڏي = ڪسڻ جي ڪاني ۽ قتل جو ميدان.

صفحه ١٢٦.

افلاڪ = آسمان..

وينگس = سهڻي زال.

پوري = اپاٽي.

ڪهي = ڇڪي.

ڪهندي = پنڌ ڪندي.

صفحه ١٢٨.

مرسل = پيغمبر صاحب.

صفحه ١٣٠.

ناقص = نيچ.

منڌھٽي = ڦيٽو ٻڙهي.

عين = اکيون.

چانئي = مٿي ڪٽي.

گهور = نظر.

صفحه ١٣١.

جار = انتظاري.

چٽڪي = وڃي.

چڙي = گهنڊي.

صفحه ١٣٣.

شفاعت = مهر.

نبتر ڪيو = ڌڪي ڪيو.

سامر ڏيو = آڏار آيل جي پاڙس اٿوه..

قيام = قيامت.

صفحه ١٣٤.

ووڙيندس = ڳوليندس.

وٽڪار = وڏواهه ۽ وڻن جا جهڳٽا. لس ٻيلي ۾ ٿڪ جهنگ جو نالو، جتان سسئيءَ کي پنهون جي ڳولا ۾ لنگهڻو پيو هو.

ٻوراٽو = نوڪر.

رب غفور = ڏاڍي مهربان.

چوڙيلي = سهاڳڻ .

ڏِهر = ڀورين ه .

پڌون = ميدان .

صفحه ١٣٥ .

پٽي = مٽي .

لوح قلم = قسمت .

پلي نه ڪنهنجي پل = ڪو به انکي جهلي پلي نه سگهيو .

ري سيواهيءَ سل = سيواهيءَ (اوزار) کانسواءِ ڏنگ .

جوواڻان ۽ جل = جاڙ ۽ ٻيڙ .

پٿون = پوزا .

صفحه ١٤١ .

سور سيو = وڏا ڀاري درد .

موڙي مهار = وري اچڻ جي واڳ ڪري .

هاڙهي = جبل جو نالو .

صفحه ١٤٢ .

ڪام ڪهي = ڪا به پنڌ نه ڪري .

وحده لاشريڪ له = ذاتي واحد يعني هڪڙو آهي ۽ ڪيس ڪو به شريڪ ڪونهي .

پڌرو پيو = ظاهر ٿيو .

انڌون = ماني پچائڻ جي ٿڌين .

صفحه ١٤٣ .

لبيڪ = اچو آيس (ويڙهو) . اهو لفظ عام طرح حاجي جيڪي حج ڪرڻ ويندا آهن ، سي اُتي چوندا آهن .

اوڀانو = انتظاري.
جو ڏنو ن = جلدي.

صفحه ١٤٤.

ٿڙ = جاء.
لحم = گوشت ۽ ماس.
طالع = ستارو.

صفحه ١٤٥.

مشائخي = وڏ ماڻهپي.

صفحه ١٤٦.

ميو = ميداني.
لهدل = يڪدم.
آرٽ = ڪٽڻ جي جاء.
اجاريو = صاف ڪيو.
ڏور ڪئي ڏيهي = پنهنجي هستي ماري ڇڏي.
وڃي ذات گڏي ذات سان = اصلي ڏٿي ۾ ان نڪتل ليٺ وري وڃي ڏٿيءَ سان ملي هڪ ٿي.
مشاهدو = ديدار ۽ نظارو.
ٻهي = ڪپهه جي ٻوٽي.

صفحه ١٤٨.

جي چاڙهيانون... لاڻونن ڪين ڪي = پنهنجي سڄڻن لئي سچا رهيا.

صفحه ١٤٩.

پنبڻي پٽڻي = ضد ماري ويٺو.

